# پيار آزادي

سرڪش سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيار ۽ آزادي

## شاعري

### سرڪش سنڌي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## چاندڪا پبليڪشن
## جو ڇھريون ڪتاب


| | |
|---|---|
| ڪتاب: | پيار ۽ آزادي |
| موضوع: | شاعري |
| سرجڻھار: | سرڪش سنڌي |
| ڇپائيندڙ: | چاندڪا پبلڪيشن لاڙڪاڻو |
| ڪمپوزنگ: | ٻناٿي ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر لاڙڪاڻو |
| ڇپيندڙ: | ابن حسن پرنٽنگ پريس ھاڪي اسٽيڊيم ڪراچي |
| ٽائيٽل ۽ لوگو: | خدا بخش ابڙو |
| اسڪيچ: | قاضي اختر |
| پيسٽنگ: | قمر گھانگھرو |
| ڇاپو: | ڇھريون |
| سال: | ١٩٩٣ع |
| ملڻ جو ھنڌ: | "المنظر" ڪتاب گھر رتوديرو ۽ سنڌ جا سمورا بُڪ اسٽال |
| مُلھ: | ٥٠ رپيا |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



# استاد بخاري جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٿورا

هن ڪتاب جي سلسلي ۾ اڻ ڪٿ ٿورا آهن پنهنجي عزيز حافظ خير محمد چانڊيو جا جنهن پنهنجي هڙان سمورو خرچ ڀري ڪتاب ڇاپرايو. ان سان گڏ ننڍڙي ياءُ ڊاڪٽر قاضي منظر حيات جو ٿورو آهي جنهن پيسٽنگ کان وٺي ڪتاب جي مارڪيٽ ۾ اچڻ تائين سڀ خفا پنهنجي سر کنيا. گڏو گڏ ياءُ سرمد چانڊيو،قاضي مقصود گل، مختيار گهمرو، سلام چانڊيو، گدا ابڙو، طفيل چانڊيو، اياز جاگيراڻي جو به ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان ساٿ رهيو.

ان کان سواءِ پٽائي ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر جي معشوق علي پنهور،سيد لياقت علي شاهه، سيد افتخار علي شاهه،پيارو وحيد علي، سهيل عباسي ۽ سينٽر جي مالڪ محترم غلام عباس عباسي جو به سندن سهائتا سبب ٿورائتو آهيان.

سرڪش سنڌي - لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ترتيب


*- جيڪا سُجهي مون ... (مهاڳ) سرمد چانڊيو--- 7

*- وايون-------------------------------- 13

*- غزل -------------------------------- 55

*- نظم -------------------------------- 119

*- آزاد نظم ---------------------------- 161



سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبت جا اهي اشارا ڇيهه ڪريو ٿا ڇڏين. وري نيٺن ۾ جيون ڪي تارڻ ڏکن ڏاڪڙن ڏي اشارو آهي. سنڌو جا چپ خشڪ ٿي وڃڻ موجوده پاڻيءَ جي ورهاست ۽ امڪاني ڊيمن ڏي اشارو آهي. هن جي سموري شاعري ڪناين ۽ اشارن سان ڀري پئي آهي. سندس مزاج ئي فن آهي. اهڙا اشاراسنڌي عوام جي سوچ ڪي ساگر جي موج ۾ تبديل ڪري ڇڏڻ آهن.

جوءِ پنهنجي سچي جيل ٽاٽا ڏسي - تون نه مايوس ٿي.
نيڻ امڙين اديبن جا نماٽا ڏسي - تون نه مايوس ٿي.

غزل جي دنيا ۾ هي ڪيڏو نه سهڻو ۽ وقتائتو تجربو آهي. سندس گهاڙيتا نوان هوندي به اوپرا نٿا لڳن. انهن ۾ اهڙي پنهنجائپ آهي جڻ ته اهي غزل اسان جڳن کان ڳائيندا وڄائيندا پيا اچون. جڏهن هن غزل کي جهونگاري ڏٺم ته قمر شهباز ۽ بردي سنڌيءَ جي گيتن جي ياد تازي ٿي پئي. اها سنڌي ٻوليءَ جي سڄاڻ ڇڄجي يا شاعر جي سندس ئي چواڻي :

سچ الاپي سچل ٿيءُ
تنبوري جي تار ۾ جيءُ

فن کي امر بڻائي ڇڏيو اٿس ۽ مونکي ان امرتا تي ايڏي خوشي ٿي جيڏي سرجڻهارکي پنهنجي تخليق تي!

پيار جي پاند ۾ دل ڇڏي سي ٻَڌي.
جڻ ته پيرن سان منزل ڇڏي سي ٻَڌي،

جنهن کي فلسفو ٿا چئو اهو هن سٽن جي پاند ۾ ٻڌل آهي. هن سٽن جو پاند يا پيار جو پاند نشاني آهن پوتيءَ جي پاند جي. اها اسانجي عظمت جي گواهي آهي. اهو سنڌي فلسفو آهي، جنهن ۾ پوتي قرآن جي برابر ۽ نياڻي ستن قرآنن جي برابر. سر ڪش جو انسان ۾ ڪيڏو نه پڪو ويساهه آهي-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وايون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏا سنگ هجن ،
جوئر جي هن پوک جا .
چپي چپي ڌرتيءَ تي،
ساوا رنگ هجن،
وڏا سنگ هجن.
جوئر جي هن پوک جا .

هارياڻيءَ جا هاريءَ کي،
وڏل ونگ هجن.
وڏا سنگ هجن.
جوئر جي هن پوک جا .

اڪڙيون اڪڙين ۾ ٻڌي ،
ايريا انگ هجن،
وڏا سنگ هجن،
جوئر جي هن پوک جا

سُندرتا مان سُرقتن،
چريا چنگ هجن،
وڏا سنگ هجن
جوئر جي هن پوک جا .

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجي در ۾ ديد الا،
رات هجي ياد ڏينهن ڏٺو.
پيار ملي ٿو پيار ڏيڻ سان ٿيندو ناهه خريد- الا
رات هجي يا ڏينهن ڏٺو.
جيسين ساهه سرير ۾ ٿيندا ڪا ٿي شوق شهيد - الا
رات هجي يا ڏينهن ڏٺو.
دل سان ۽ دلواري سان ڇڏ دنگو درد يزيد - الا
رات هجي يا ڏينهن ڏٺو.
سنڌوءَ جي جل پوتر ۾ تون پاءِ نه پير پليد - الا
رات هجي يا ڏينهن ڏٺو.
آزاديءَ جي عيد گهڙيءَ تان گهوري ٻي سڀ عيد - الا
رات هجي يا ڏينهن ڏٺو.
ٻئي ڪي ٻن وجهني مون تاتي تن اندر ترحيد - الا
رات هجي يا ڏينهن ڏٺو.
سرڪش سورهيه ڪيئي ڇمندا هار نه مَنُ مجيد - الا
رات هجي يا ڏينهن ڏٺو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪالهه به رستي تي الا - اجرڪ رَتُ رُنو.
گل سان انڌي گوليءَ جي هن انڌي چرچي تي الا.
اجرڪ رت رنو.
گونگي شهر جي خاموشيءَ سچ جي تڙڪي تي الا
اجرڪ رت رُنو.
پيار اکين ۾ پاڻي ٿي ويو ڳاڙهي ڳگري تي الا.
اجرڪ رت رنو.
پر جي شاديءَ ۾ هر ڳاتل ماءُ جي سهري تي الا،
اجرڪ رت رنو.
ڪيئي گل گلاب ڪري پيا گهر جي پڌري تي الا،
اجرڪ رت رنو.
سرڪش ساھ وڃن ٿا رُڪجي سڏڪي،سُڏڪي تي الا،
اجرڪ رت رنو.

*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سچ ايرڻ تي آهہ -

او ساجن سچ ايرڻ تي آهہ
سک لهڻ جي شئي تہ نہ آهي لهي سگهي جا لاهہ.
اوساجن سچ ايرڻ تي آهہ
هيءَ حياتي جهڙي تهڙي اَڻ وِٽندڙ ناهہ
او ساجن سچ ايرڻ تي آهہ
ڪول تہ چپ، ديوارون چُپ جون دير نہ ڪر تون ڏاهہ
او ساجن سچ ايرڻ تي آهہ.
چنڊ بہ ڪنڌ جهڪائي بيهي اهڙي مورت ناهہ،
او ساجن سچ ايرڻ تي آهہ.
رڳ رڳ ۾ تو پيار اُيامي سوڙهوتيءَ ساهہ،
او ساجن سچ ايرڻ تي آهہ.
سنڌوءَ منجهہ سنان ڪجي اُٿ لڳ پرن تا باهہ.
او ساجن سچ ايرڻ تي آهہ.
جيڪو جنهن ڪي چاهي سرڪش! ڌرتيءَ ڪي تون چاهہ.
او ساجن سچ ايرڻ تي آهہ.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون تہ هلي آءُ، ڪوئي اچي يا نہ اچي.
سازيندڙ هن سج ۾
وڻ جي ڇانو جو ساءُ،
تون تہ هلي آءُ. ڪوئي اچي يا نہ اچي.
اجيون بڪيون اڪرڙيون
گهرو گهرو گهاءُ،
تون تہ هلي آءُ. ڪوئي اچي يا نہ اچي .
آزاديءَ جي ڪَنَ تي
پوي من پڙلاءُ،
تون تہ هلي آءُ. ڪوئي اچي يا نہ اچي.
جڏهن ۽ جتي اچي
اکيون آڏر پاءُ،
تون تہ هلي آءُ، ڪوئي اچي يا نہ اچي.
سرڪش بيٺو سڏ ڪري
وري پوندو واءُ.
تون تہ هلي آءُ.

▼



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آءُ تہ شايد چئن - خوشبوءِ جهڙي شاعري
تہ وسي تذڪار تين ڳائن بيهي پٽ،
خوشبوءِ جهڙي شاعري.
پري وجهي پنير ڪي جو دکيءَ دل جا ڦٽ،
خوشبوءِ جهڙي شاعري.
جيڪا منهنجي ساهہ ڪي ساجي سپ ڪي سٽ
خوشبوءِ جهڙي شاعري.
ڦهڪڻ ٻيلي تي ڪيئي ڳچين منجهان ڳٽ،
خوشبوءِ جهڙي شاعري.
اڪيون آزادي ڏسن پوءِ ڪجهي هيءَ ڪٽ،
خوشبوءِ جهڙي شاعري.
سنڌو وهہ سرهاڻ سان ماروئڙين مٽ،
خُوشبوءِ جهڙي شاعري.
سرڪش سنڌي، سنڌ ۾ پَرَ پنيل پوپٽ،
خوشبوءِ جهڙي شاعري.

✷



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چنڊ چاهيو ته هن رات جي پيٽ ۾ ،
روشني اوتجي
وقت سوچيو ته ڪنهن چاهه سان چيٽ ۾ ،
دل لڳي اوتجي.
فن تڙپيو لڇيو موت جي پيٽ ۾ ،
زندگي اوتجي .
سونهن مرڪي نهاريو ته اڪ ٽيٽ ۾ ،
ڪا خوشي اوتجي.
منهنجي اندر گهريو گيت گهاڙيٽ ۾ ،
سنڌ ندي اوتجي.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خوشبوءِ جهڙي ڇوڪريءَ ڪي ڪرن موڙيندي،
ڪوئي ياد پيو،
وسري ويئي پاڻ ڪان وارن ڇوڙيندي،
ڪوئي ياد پيو.
هٿ ڪڍڻ تي بيهي رهيا تس ڪير ولوڙيندي،
ڪوئي ياد پيو.
هُرڻي جي هيڪار ۾ سنگ مروڙيندي،
ڪوئي ياد پيو.
ويهي وهندڙ واهه ۾ پنيون ٻوڙيندي
ڪوئي ياد پيو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُڀ ۾ اوچـــــيڙو،
مون وٽ ڪاري راتڙي،

اڪڙين ۾ ويـــا اوتجي
ڪڪريون ڪـــوهيڙو.
مون وٽ ڪاري راتڙي.

راتيون ڏينهن ڏهاڳ جا،
ايـــلي اوســــيڙو،
مون وٽ ڪـــاري راتڙي.

سار تہ تنهنجي ساهہ ۾
ڳُنـــڊيءَ ۾ لـــيڙو
مون وٽ ڪاري راتڙي.

ڏسي سگهان ڏيهہ ڪي
جي تـيئن مـون پيڙو،
مون وٽ ڪاري راتڙي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيڏو سارينديون - ويهي وڻ جي ڇانو ۾.
ڪنهن جي ڪيستائين تون واٽ نهارينديون،
ويهي وڻ جي ڇانو ۾.
ترتر ڇاڙي ٽڙڪٽي، ٻاهه نه ٻارينديون،
ويهي وڻ جي ڇانو ۾.
روح رتائون، ٻيوسي، هنجون هارينديون،
ويهي وڻ جي ڇانو ۾.
هيڏا سارا ماٺرا سڀ وساريندين.
ويهي وڻ جي ڇانو ۾.
گرميون سرديون ايتريون ڪيئن گذاريندين.
ويهي وڻ جي ڇانو ۾.
ليڪي ڪندي تو لڳي پاڻ ٻه ماريندين،
ويهي وڻ جي ڇانو ۾.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سر تي پهچ سوير - ڪٽي اجايل آسرا.

ڍوليا ڍڪيءَ جو اچي پيار ڪٽي وڃ ڍير.

پورياڙيءَ پهاڙ تي ڳاڙها ٽيندا پير.

دليون هٽندا ڪينڪي ڏنگن مت دلير.

نوريڙا ڪايو وڃن ڪچا پڪا پير،

سر تي پهچ سوير،

ڪٽي اجايل آسرا.

◆



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خوشبوءِ هاڻا خطڙا خوشيءَ مان ڪولي،

سوچڻ لڳي ٿي ڪڏهن ملنداسين.

ڇاڇا رنگ رچائيا اُيري پيل چولي،

سوچڻ لڳي ٿي ڪڏهن ملنداسين.

پري هن پولار ۾ اندر ڪي ڳولي،

سوچڻ لڳي ٿي ڪڏهن ملنداسين.

ڪيڏا جيءَ جلائيا هيلو ڪي جهولي،

سوچڻ لڳي ٿي ڪڏهن ملنداسين.

سُرڪي سپ نه ڪير جي دير ڪئي ڏولي،

سوچڻ لڳي ٿي ڪڏهن ملنداسين.

سرڪش سنڌي پاٽڪي روئڻ ۾ رولي،

سوچڻ لڳي ٿي ڪڏهن ملنداسين.

*



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نلڪي هيٺان نينگري ڪپڙا ڌوئيندي،

ساري سرجڻهار کي.

ساهن کي سڳا ڪري پل پل پوئيندي،

ساري سرجڻهار کي.

سانجهيءَ ٽاٽي ڪٽڪ جو اٽو ڳوهيندي،

ساري سرجڻهار کي.

نظر ڏور نهار ڪان ايندي ۽ ويندي،

ساري سرجڻهار کي.

هيڏي هوڏي هنڌ ۾ راتيون روئيندي،

ساري سرجڻهار کي.

جنجل پائي جيءَ ۾ جوين لوئيندي،

ساري سرجڻهار کي.

جيون جا هي ڏينهڙا هيڪل ڍوئيندي،

ساري سرجڻهار کي.

هيڏي هن انبوهه ۾ چاچا سوچيندي،

ساري سرجڻهار کي.

حبيب سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇڙ ڇڙ موڙي ڇوڪرا - ڪنهن ڪي ڪير ڇوي.

ايلي أنا ماريا سنڌوءِ جا سنوپرا،

ڪنهن ڪي ڪير ڇوي.

پيرن پٿي پاٽيون ڇٽيون خانن هنيا ڪونگرا،

ڪنهن ڪي ڪير ڇوي.

غارن ۾ گر تي ويا سج چنڊ جا سوجهرا،

ڪنهن ڪي ڪير ڇوي.

ڳاڙهي پونءِ ڳهي وئي باغي تنهنجا بورهرا،

ڪنهن ڪي ڪير ڇوي.

سرحدون سوگهيون نه ٽيون ايندا رهيا اوپرا،

ڪنهن ڪي ڪير ڇوي.

سرڪش سنڌي ساهه ۾ ڏيهه سڄي جا ڏوجهرا،

ڪنهن ڪي ڪير ڇوي .

◆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چنڊ چوڏهينءَ جو ڪڙو - ڇا تو گهري.

هو ستارا اُڀ تي جڻ ڪنهن جو اڇلايل پڙو،

ڇاتو گهري.

ڪوئي ڪنهن کي پاڻ وانگر ٿي وڃي تو ويجهڙو،

ڇا تو گهري.

چارچپ چمڪو ۽ شايد وقت جي هٿ ۾ وڙو،

ڇاتو گهري.

ساهه تا پکڙن هوا ۾ ڪو وڃائيندي گهڙو،

ڇاتو گهري.

دير سان در کي ڏنل هي اندران ڪڙڪي ڪڙو،

ڇاتو گهري.

مهر سنڌوءَ جي چپن تي هيءَ موهن جو دڙو،

ڇاتو گهري.

✣



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهاٽا ڏي نہ گهٽا - مونکي تون ڏہرو ڏسي.

تو جي لکڙ بيد جا ، سچو آءُ چٽا .

جوڙا منهنجي جوءِ جا ولين گل ڦٽا .

ڏنگاين ءِ ڏاڍ جا اجهو ڏينهن کٽا .

ڪڙيءَ ڪڙيءَ ڪات جا سکهو ڦٽ ڇٽا .

گهاٽا ڏي نہ گهٽا مونکي تون ڏہرو ڏسي.

٭



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رتاوان سارنگ،
چڙهي آيا چوٽ تي.

ڏيئي ڇڏجي ڏوڪڙين،
پون ۽ نه آهي پنگ.

موهن ڪان مڪلي ۽ وري،
اوڏر ورتا انگ.

چاڙهي وينين تون چريا.
ٽنگ متان چوٽنگ.

لاهيارو لاهيون وجي،
سيون ناهن سنگ.

وينئي ڪان ورتا پلي،
ور ور وجهجن ونگ.

ڏيندا ناهن ڏاڍ ڪي،
دولهه پنهنجا دنگ.

◆

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آيـو كـيـن مـروڙ،

هٿ نہ ڦٽـجـي پوني.

وارن جي اونداهيءَ ۾ ،

چوڏهين چنڊ نہ پوڙ،

منهنجي اچـي من ۾ ،

پنهنجو پـاڻ ڦتوڙ،

پرزا پـرزا ٿـي ويـل

جـيءَ پـريـن تون جوڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُوس تون اچڻي اڱڻ منهنجي تي ڪڏهن.

پوکيم جيڪا پيار سان پوک اها پچڻي.

پونءِ ٻه گهنگهرو پيرن ۾، هائو مان نچڻي.

رڙ جا نڪري روح مان ريتي ۾ رچڻي،

منهنجي بيهڪ، قوم جي بيهڪ ۾ بچڻي.

آزاديءَ جي چٽنگ آ مچڻ تي مچڻي.

*

سنڌي ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميرڻ لٽن ۾ - ڪيڏيون اجريون ٿيون لڳن.

ياڳئي آهه پريو ڪٽي ڪير منّن ۾ .

هلڻ ۾ جهڙيون هجن هرٽيون پَٽن ۾ .

هينئون منهنجو هوءِ ڪو سودو هٽن ۾ .

اٿ ئي پهر ساهه جئن سارين سٽن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



چاندوڪي ڦٽي

تنهنجي نيٽن مان.

ٻوري ٽڪرا ماس جا

ڪيا آءُ ڪٽي.

آئيندي جي اهنج مان

اجهو جند ڇٽي.

منهنجي ماڳ مهاڳ جي

تروٽ راهه ڪٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جهــــــــــــڙو بصــــــــــر داگ،

تهـــڙو پـــل پنهنجـــو.

انـــــــدرُ اڏو اڏ ٿيـــــــو،

ڳـــايـــان کهـــڙو راڳ.

ملنـــدا نـــاهـــن منـــٿ ســـان.

آزادي ۽ مـــــــــــــــــــــاڳ.

ڏينهـــن تـــه جـــاڳـــي ڏيهـــه ٿـــي،

جـــانـــي راتيـــون جـــاڳ.

اٽـــــل ارادي ۾ اٿئـــــــي

بيٺـــي ســـرپ، سيـــاڳ.

■



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٩

مانجهاندي جو ماڪ،
پوندي ناهه پنن تي.
ميدانن جي مارچا،
ڪائن ڪير - پياڪ.
شڪرا، شهبازن جا،
ڪاٿي تيلهن ٿاڪ.
اُهي وير، وجود جا،
جيڪي ڏين واڪ.
بندوقن جي سامهون،
بيهن ٿا بي باڪ.
ٻين کي پنهنجيءَ پونءِ جي
ڏيندا ناهن ڀاڪ.
تنهنجا منهنجا هانو ڇو
هيٺا، حيرت ناڪ.

-X-

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنــــدوءَ ڏنـــــي ســـــاک،

مـونکـي منهنجــيءَ ڀـونءِ جــي.

گهلـــــر گهــــڙي آئيــــــا،

انهـــــن مٽـــــان آک .

گهـر گهـر ۾ اينـدي کڏهـن

کلنـــدي کڏنـــدي بـــاک.

کـــاري هـــن کلـــور جـــي،

نيـــت تـــــ لهنـــدي لاک.

•



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪينجهر تي روئي،

چام تماچيءَ سان.

جنهن جي ڪپر تي اچي،

ٻاڪ ٻر منهن ڍوئي.

نوري پنهنجي ساهه مان،

اُلڪا پئي سوئي.

آيو ڪا ڏهن ڪير تو،

انهيءَ ڪي لوئي.

موهن جهڙو جهور آ،

لاش پيو ڍوئي.

(٦)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجو ناهين تون.

تنهنجي ناهيان مان.

ويزن سان ويهي كرين،

كيڏيون كچهريون.

پنهنجن سان پختيون ركيئه،

دل ۾ دشمنيون .

توتي، تنهنجي كٽنب تي،

تڙپن شل تويون.

"تون جو كوڙو قوم سان"

پٽكي وينـي پـون.

✣



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجو آهين تون،
تنهنجي آهيان مان.
تون جو پنهنجي قوم لئه،
کائين تو گوليون.
ويرين جون ور ورڪيئه،
رت اُتي روٽيون.
صدقو تنهنجي سر تان،
سنڌوءَ جون ڇوليون.
منچر مرڪي ٿي پري،
مون ۾ ڏسي تون.
عظمت موهن جي اڳين،
تو ۾ ڏٺي مون.
تون جو سچو قوم سان،
پهڪي ڇيو پون.

▲



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جهڙو منهنجو جيءَ الا

تهڙو جي تنهنجو پرين!

آءُ ته تنهنجي آهيان،

تون به ته منهنجو تيءَ الا.

بُت ويو تئي برف تي،

مونکي ويجهو تيءَ الا.

هيءَ جي هستي لوهه جي

ڪهڙو تنهنکي سيءَ الا.

هيل چڙهن تا پٽڙا

ڦاهيءَ تي پرُ پيءَ الا.

هوندُ نه ڳٽ ڳچيءَ ۾

سرڪش جيڪر هيءَ الا

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دنيـــا جـــا ڏاڙيـــل ،
سنـــڌوءَ کـــپ تـــي ڙي.
تـاتـاريـن بغـداد جـي بـدران،
هيـــل ڪئـــي آيـــل،
سنـــڌوءَ کـــپ تـــي ڙي،
سـاهـڙ سهڻـي سيـر نئـي ٿـي،
انـــدر منجهـــه اُليـــل،
سنـــڌوءَ کـــپ تـــي ڙي.
هيمـوءَ جـي آ جيجـل جيئـري،
جـوڙيـو جـت کـٽ جيـل،
سنـــڌوءَ کـــپ تـــي ڙي.
سرڪش سـاهـہ پر سـوگهـا رکجان
اينـــدي جـــا عشقيـــل،
سنـــڌوءَ کـــپ تـــي ڙي.

^



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳولي ڪي ڳُل ڪان،
زياده چاهيندس.

ذري زبري لوهه جي،
واريءَ جي ٿُلَ ڪان.

لفظ چڱو هڪ سيبتو ،
صدين جي هُلَ ڪان .

آزادي گهٽ ڪين آ،
علم عقل ڪان.

ڪلهه تائين ڳل پئي رکيم ،
اکين تي پُلَ ڪان.

گلدستا پري ڪريو.
منهنجيءَ ٽيبل ڪان.

جيسين ڪرن هٿن مان،
بندوقون ڪُلَ ڪان .

ڳولي ڪي ڳُلَ ڪان،
زياده چاهيندس.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيهه ۾ پيو ڏول آ،
قوم تنهنجي آسري.

دهشتن دردرتي هاريو
باهه ۽ پيٽرول آ.
قوم تنهنجي آسري،

هي هوائن منجهه دونهون،
جنگ جو ماحول آ،
قوم تنهنجي آسري

سنڌ جي سيني ۾ گولين ،
جو ٿيو چوپول آ،
قوم تنهنجي آسري.

زندگيءَ جي هر گهڙي،
هر آس ڊانوانڊول آ،
قوم تنهنجي آسري.

پاڙ سرڪش قوم سان ،
جيڪو ڪيو تو قول آ،
قوم تنهنجي آسري.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ڌرتي ، ڌرتي ۽ وارن جي
پٽ پارت ٿي - هر پارت ٿي
پٽ پيار جي پالڻهارن جي
هر پارت ٿي ، هر پارت ٿي ،

هت ويل وڏيرن مارين جا - هت ڏوڪا ۽ ڏڪ ڌارين جا
هت ڪوڙ پٽيلا پيدا ٿيا ترخانن جا تاتارين جا
مخدوم بلاول يارن جي
پٽ پارت ٿي -هر پارت ٿي.

ڪا اوکي ويل اچين ڪٽي - تون ڊوڙي ٻئي هت ڏين ڪٽي
جي گهرج پوي سر گهورڻ جي - ٿي گهورو سر گهورين ڪٽي
هن ويڙهيچن ويچارن جي
پٽ پارت ٿي هر پارت ٿي
اودودا منهنجي ڌرتي جا - ڪشمور ڪراچي ڪيٽي جا
اواجرڪ ٽوپ جا رکوالا او ساٿي سنڌو ساٿي جا
هن موهن جي آثارن جي
پٽ پارت ٿي هر پارت ٿي
تون ساٿ ڏجا ن مزدورن سان - مسڪينن سان مجبورن سان
بيڏوھ وجن جي لڙڪا يا - گڏ مرجان تون منصورن سان
هن سوريءَ جي سينگارن جي
پٽ پارت ٿي - هر پارت ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان ڌرتيءَ خاطر لڪندوهان - تون ڌرتيءَ خاطر وڙهندو آن
اوساهه ڪان پيارا ويجهو ٿي - رڪ ڏاڙهيءَ تي هٿ آءُ ڏسان
هن سرڪش سان اقرار نه جي
پٽ پارت ٿي -هر پارت ٿي




جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪانهي وسري يار - گهڙيءَ گهڙيءَ جي ڳالهڙي.

مون ۾ منهنجو رت الا-تئن آ تنهنجي تار.

چيريل ڪاتي ڪنڌ تي، توريءَ هي جمار،

آندا اڪرين جي اڳيان پيلا رنگ بهار،

ساهن تي پاراپيا ، هاءِ پروڪا پيار!

سرڪش سوگها رک ڪري ايندي جا اختيار.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيد مُشڪ جي ٽارين وچ مان ويا ڪل ڪُوڪَ اچي .

ڪويل هوندي ڙي!

اُسَ ڏنيي تي آکيري مان مينا چو نه اٿي تي،

گهايل هوندي ڙي!

گوليءَ جي گجگوڙ نه جيسين ڪنهنجو اڳ جهلي تي،

گهل گهل هوندي ڙي!

اکڙين ۾ تس اوتيل سنڌو دل جي ڳالهه ڪلي تي،

قاتل هوندي ڙي!

راهيءَ جي اکڙين ۾ جرڪو سامهون ٻاهه ٻري تي،

منزل هوندي ڙي!

آزاديءَ جي دَرَ تي دستڪَ سرڪش ڪانه لڳي تي،

هل هل هوندي ڙي!

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ جــــــــا راڳِـــــي! چــــاجِــــي رُون، رُون؟
راءِ ڏيــــاچ رهيـــــو ني كـــــونهي.

سُر ۽ سُونهن نہ ٻيئي ساڳيا، گھرگھرگھر جُون گهڻَ- جِيئڻ جون.
راءِ ڏيــــاچ رهيـــــو ني كـــــونهي.

سو ريبن تي سُونهن وِكامي، پيار نہ كنهن وٽ چاكي پُوڄيون
راءِ ڏيــــاچ رهيـــــو ني كـــــونهي.

هُو جي هامَ هٹن ٹا بيٺا،مَن سَكٽي ۾ سَكِٽي مُون مُون
راءِ ڏيــــاچ رهيـــــو ني كـــــونهي.

تَندُ بہ تنهنجي تانَ بہ تنهنجي، كَنڌُ بہ پنهنجو كوري ڏي تون،
راءِ ڏيــــاچ رهيـــــو ني كـــــونهي.

سركش سڀ ڏوراپا توكي، پڙنرن واري هردم يُون يُون
راءِ ڏيــــاچ رهيـــــو ني كـــــونهي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هيءَ جو منهنجو نانءَ ڪتاب سهيڙيو ويل آ.
انين صفحي جي چوڏهينءَ سٽ ۾ گار لکيل آ.
ماٺــــهو ڪــــيـڏا گنــدا ناهــــن!

هُن جي بدنظر آ منهنجيءَ هر شئي ۾
جهڙي ڪنهن جي ڪير وٺي ۾ وهه وڌل آ.
ماٺــــهو ڪــــيـڏا گنــدا ناهــــن!

ڪنهــن جي دَرَ تي دوست وجي مهمان ٿئي ۽
هُو چَورائي: معاف ڪجان تون اَڪِ اُٿيل آ.
ماٺــــهو ڪــــيـڏا گنــدا ناهــــن!

هِي ٿا ويـــنا جُهــمـريون پائن، دهل وڄائن،
پاڙي مان تو روڄُ اچــي ڪـــو قضيو ٿيل آ.
ماٺــــهو ڪــــيـڏا گنــدا ناهــــن!

مارچ مهيني جي ٽيويهينءَ دوستَ ڇڏيو،
منهنجيءَ دل، جيرن، ڦڦڙن ۾ ڏاڻو پيل آ.
ماٺــــهو ڪــــيـڏا گنــدا ناهــــن!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجيءَ وَڻَ جئن روح جو
بَچُ بَچُ پوکيو آ-
تو جو آئينءَ سامهون.

تاري، تاري چنڊ کي
ڪيڏيو تو ڪيو آ.
تو جو آئينءَ سامهون.

پنتي پنهنجي پير کي
موت بہ روڪيو آ.
تو جو آئينءَ سامهون.
متاري جڻ موکيءَ جو

مَٽُ ٺي ڏوکيو آ.
تو جو آئينءَ سامهون.

○

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تڪڙا ساهہ نہ کڻ- باک ڦٽيءَ وڃجان،

تون آن چَنڊَ ڏنار جڻن، تارا تنهنجو ڏڻ،

باک ڦٽيءَ وڃجان.

دل تو هت ۾ آرسِي جيڏو چاهين وڻ،

باک ڦٽيءَ وڃجان.

تنهنجو، چوڏينهنءَ چنڊ کي ماري ٿو مرڪڻ،

باک ڦٽيءَ وڃجان.

مان جو تنهنجيءَ ڇانوَ ۾، گل ٿي مونتي ڇڻ،

باک ڦٽيءَ وڃجان.

تنهنجو منهنجو ٿئي نہ متان، پيهر ايئن ملڻ،

باک ڦٽيءَ وڃجان.

○

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو جو روڪيو هو، دروازي جي ٻاهران.
ڪاريهر جڻ چڪ هڻي زهر اوڪيو هو،
دروازي جي ٻاهران.

دل جي سامهون جيئڻ ڪنهن ڪوڪو ٺوڪيو هو،
دروازي جي ٻاهران.

پنڌي مُڙندي پانهنجن پيرن ٺوڪيو هو،
دروازي جي ٻاهران.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# غزل



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاڻيءَ سان ڇاتي - ڪير نہ چاهيندو؟
پيار ۽ آزادي- ڪير نہ چاهيندو؟
ڌرتي ڦولاريل رات نري ويندڙ
بوسو ۽ پاڪي - ڪير نہ چاهيندو؟
يار بہ ڪنڌ پچي پنڌ بہ ڏورانهون
ساٿي ۽ ساهي- ڪير نہ چاهيندو؟
هر ٿر واسيءَ جا نيڻ بہ ٿَر جهڙا
موسم برساتي - ڪير نہ چاهيندو؟
ٻُڪَ بصر ماني - آهہ غنيمت پر
ڪير مکڻ ماکي - ڪير نہ چاهيندو؟
گيت شرابي ۽ سوز پريو راڳي
چورو چڙواڳي - ڪير نہ چاهيندو؟
ڪينجهر ڪارونجهر منڇر ۽ موهن
شاهہ سچل سامي - ڪيرنہ چاهيندو؟
سَڄڻ جي ساڄَهہ سرڪش جا نغما
سنڌوءَ جو باغي- ڪير نہ چاهيندو؟

◆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇو ٻاگ تي ٻاڙي ويٺو آن.
آفير ڇٻاڙي ويٺو آن.

هي ٻاگ ته قاتل زهر اٿئي
رت ساڻ ڳڏاڙي ويٺو آن.

ٻانهُن جو وساري ٻَلُ ساٿي
جيِون کي بگاڙي ويٺو آن.

هن قسمت ڦاٽل جي آڏو
ڪئِن وات کي ڦاڙي ويٺو آن.

پيو لوڪ روانو منزل ڏي
تون ماٺِ الاڙي ويٺو آن.

يا پنهنجو پاڻ کان وسري وئين
يا موت کي تاڙي ويٺو آن.

در کول ته سَرڪش ! پر ساهي
ڇو سوچ کي واڙي ويٺو آن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيو تو منهنجي احساسن کي ڇيڙي.
اکين ۾ شور ساگر جو سهيڙي.

نظر منهنجي ٻه ڪو تيشو هجي ها،
پٿر جهڙي انهيءَ جي دل اکيڙي.

اٿي ڇرياڻ پنهجا پاند وٺندا،
اڙي منهنجي ٻڌ ڪوئي ڪَلُ ٽيڙي.

ڇوايائين تڏهن ميلاپ ٽيندو،
جڏهن انب جو سُڪل ٺُڙ ٻُور ميڙي.

سبان مَس مَس تو قاتل دل ته ڪوئي،
ڇڏي تو سَٽ هڪڙي سان اڍيڙي.

تو لُٽجي قافلو منزل جي ڀَرِ تي،
هُو رهبر آ، رگو پيو ڏند ٽيڙي.

وڏي ميري ۽ پيري ٻي ضميري،
ضميرن ساڻ سَرڪش جِيءَ جهيڙي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇوري ڇاتي ڏي ڇاتي گھُورين تون،
پاتي پاتي ڏي ڇاتي گھورين تون.

جُرئر سنگ جهليا جهار جهُڪي پيئي.
هن حياتي ڏي ڇاتي گھورين تون.

پنهنجي هرشيءِ سان ڪيڏو چاهہ اٿئي
چيريل ڪاتي ڏي ڇاتي گھورين تون.

شورُ شرابو پيو جيونَ جو نالو
چُپ چُپاتي ڏي ڇاتي گھورين تون.

جيڪي آسرڪش، آهي جهُڏن سان
ويسهہ گھاتي ڏي ڇاتي گھورين تون.

▲



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نِڙيءَ ۾ ڪنهن ڪُتي جو چڪُ نٿو گهران.
پرائي هٿ ۾ پنهنجو حق نٿو گهران.
گهرن مان گندگي ڪڍي ڇڏڻ کپي،
اگهڻ مٿي انهيءَ تي ڊِڪُ نٿو گهران.
جتي هجي انبن جي ٻُور جي سُڳند
اُتي پوي ڪو اُپري اَڪُ نٿو گهران.
دنيا کي زندگي ملي آ هڪ دفعو،
لڳيس موتمار ڌَڪُ نٿو گھُران.
ها، اهڙي ڪير ڪان ته وِهه جو ڍُڪُ چڱو،
پوي ٿو ٻوڙڻ جي نَڪُ نٿو گهران.
ڪا پنهنجي ٻاڪ ٻي ٻين کي چو ڏيان،
جڏهن ته مان پرائو تڪُ نٿو گهران .
مِري پوان ته ماڳ تي پُڄي، اِڳي،
ويهي رهان ٿِيئر ٿَڪُ نٿو گهران.
لتن جي هيٺ مشڪلون لتاڙ بيون،
اديب هان ذري جو شڪ نٿو گهران .
هٿان سِرن جي سَٿن ٿو مان قبولاءِ
مُلان نہ هان سَيُن جو ڦڪ نہ ٿو گهران .
صدين کان جنهن جي تو ۽ مون سنڀال ڪئي،
هٿي ڪورئيس هڪڙو ڏڪُ نٿو گهران،
گهري نہ مون کان منهنجي ٻون خداءِ ٻي،
انهيءَ کان مان سندس فلڪُ نٿو گهران .
جڏهن کان اک پٽير تي سند پئي،
سيالڪوٽ يا اَٽڪُ نٿو گهران.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڏهن ڀُلجي ٻہ تڪجان تون نہ ماٺي ڏي نہ ناٺي ڏي
ٻلاوِل ناںءُ تنهنجو آ تہ ٻيئو گُهورِ گهاٺي ڏي.
ٽڪل مارِيل ڳيا ٽِيل منهنجي آزادي تہ آ ٽي ڏي.
سُياٺو ٽئي نہ ٽئي جِيئان مَران هاٺي جو هاٺي ڏي.
سموري قوم جي هٿ ِزندگي جو سوال ٿو اُڀري،
ٻہ ٽي ڏوڪڙ نہ آهن جو چوان توکي سياٺي ڏي.
الائي ڪاڪِ وجهندي خاڪ ڪنهن جي طرف ٿي ڊوڙي،
نہ تو ڏي ڏي نہ سُومل ڏي نہ مومل ڏي نہ راٺي ڏي.
ڪَري ٿِي قوم بيٺي ڪُوڪرن تي ڪُوڪرا چاچا!
اُٿي مقتل ڏي تون ڀي هڪڙو سُورهيہ پُٽ اماٺي ڏي.
متان گهٻرائين آزادي وٺڻ جي لاءِ اي سرڪش
گهِلبِي ماءُ تنهنجي پيٽ تنهنجي جوءِ ٿاٺي ڏي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجو چاهہ چَريو، مستانِي تنهنجي چَپَ جي چَسُ.
مونکي ڳاڙهي جوين جو سَنهُن چا هي ڏاڙهونءَ رَسُ.
ڪِنوٽين سِينڌِ سنواري آهي ڪارن ڪڪرن جي،
هڪڙي رات تہ سهڻي تون پي دل جي ٿَرَ تي وَسُ.
رُتِ بَسنتيءَ جهڙي پياري ! ٿهڪن ۾ رابيل،
ڪِرڙن ٻهڪِي گُل پئي آ چيا، ڪنهنکي ناهي ڪَسُ.
شهر ۾ واهڻ ٻار جيان مان پاٺهي گُنر تي ويس،
ڪوئي آهي هَٿُ وٺي ڏي مونکي منهنجو ڏَسُ.
ان ڪان اڳتي ڪوئي ناهي چِتا وارا چَندُ !
تنهنجو منهنجو ساڳيو رهندو ساجن تائين گَسُ.
جيڏو چاهِين تيڏو ڌرتيءَ ۾ وِچ پيهي پوءِ ٻہ،
ڪَنڌُ ورائي جيئن نهارين تيئن تون اُپ سان گَسُ.
سِنڌوءَ پَرِ تي لکبا تيسين گيت غزل سرڪش!
جيسين ڳاٽ قلم جو اوچو، جيسين هوندي مَسُ.

✡



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوبي سمجھا ! نفرت پال نہ ڏار ڪرڻ جي لاءِ.
پيھر ملڻو ناھي جيوَنُ پيار ڪرڻ جي لاءِ.
ڪالھہ ھُنن ڪئي جيڪا دعويٰ تُنھنجي ٿئي ترديد.
ماڻھو ماڻھو ناھي ٿيو تڪرار ڪرڻ جي لاءِ.
صدين جو ٻيي قَدُ ننڍو آ پيار اجان اڳتي،
ڪيئن پُڄون اڄ ويھہ گھڙي، ويچار ڪرڻ جي لاءِ.
سِينو سِيني ساڻ ملايون سُونھن وٺي سنسار.
پاڻ نہ ٿياسين پيدا ھِت سنگسار ڪرڻ جي لاءِ.
چَپَ چَپن تي رک او چريا ! چاھہُ ڦٽو جئن چيٽ،
پَنُ پَنُ ويجھو ھوندو آ سينگار ڪرڻ جي لاءِ.
ھرشئي جو واپار ٿئي ٿو دنيا واپاري،
سَچُ ۽ سُونھنَ نہ پيسن تي واپار ڪرڻ جي لاءِ.
موتيا لال گلاب رڱو رابيل نہ اي سرڪش !
ڪِرڙن ڪبڙن ٿھڪَ ڏنا گلزار ڪرڻ جي لاءِ.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دَرُ تہ هڪڙو بہ ڪڏهن مون ڪان هُو وسري نہ سگهيو.
خارُ دل ۾ جو لڳو ياد جو نڪري نہ سگهيو.
گهاو گوليُن جا رسيل جسم تي پرجي ويا پر،
زخم هڪ طوق غلاميءَ جو آ نبري نہ سگهيو.
ڪيئي سج ايريا لٿا، ايريا لٿا، آزاديءَ،
جو اجان مونڊي سنيهو ڪٿي ايري نہ سگهيو.
ٻئي هٿ منهنجا ڦٽيل ڪيئن وڄايان تاڙي،
سوچ کي جوت ڏيڻ لاءِ ڪو سنبري نہ سگهيو.
قيد ۾ وقت گذاربندي ٿيو ايڏو ضعيف
دَرُ پڃري جو کُلي پيو بہ هُو اڏري نہ سگهيو.
ها سڄي عمر گذرڻي جو هئي گذري سرڪش،
ڪوئي هڪ ڏينهن مگر چين سان گذري نہ سگهيو.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مُشرڪ ناهي منهنجو مَنُ، ڪافر ڪونيو ڪُجبو رهبو.
مان ۽ سِنڌُو آهيون سَنُ، ڪافر ڪونيو ڪُجبو رهبو،
جاڪون ورتو سنڌ وجود، پتر پتر ۾ مان موجود،
بيٺو ساک پري موهنُ، ڪافر ڪونيو ڪُجبو رهبو،
سنڌ صحيفو سنڌ ايمان، سنڌ مقدّر سنڌ ڀڳوان
سنڌ آ ساهه ۽ سنڌ بدن ڪافر ڪونيو ڪجبو رهبو .
رولُو ماڻهن جو هت ڇا، هيءَ تہ سڀ ڪجهہ منهنجو آ
منهنجي ڌرتي منهنجو ڌَنُ، ڪافر ڪونيو ڪُجبو رهبو.
وٺبي آ هر پناهہ پني، انج نہ ڏيندس آءَ ڇني
گولين ڪان نہ گهرو جيوَنُ، ڪافر ڪونيو ڪُجبو رهبو.
هِي جي هانوَ ۾ هُلّ اُٿوَ، ڪائِي ويندءِ پُلّ اُٿوَ
سِنڌِي ناهن پانَ جو پَنُ، ڪافر ڪونيو ڪُجبو رهبو.
مون ڪان منهنجي ٻوليءَ ۾، سَئَنَ هٽي وٺ جهوليءَ ۾
سِنڌي پاٽي سنڌي اَنُ، ڪافر ڪونيو ڪُجبو رهبو.
سرڪش جي دل پٽ ڌٽي، سامِي ساهہ پساهہ ڪٽي
ديد درازيءَ جو درشَنُ، ڪافرڪونيو ڪُجبو رهبو.

*****


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جُوءِ پنهنجي سَڄي جيل ٽاٽا ڏِسي، تون نہ مايوس ٿِي
نيڻ امڙين ادين جا نماڻا ڏسي ،تون نہ مايوس ٿي.
چاڪنديون چانوٽيون ڏاڍَ ۽ ڏاوٽيون،
رعب ۽ تاب هي حاڪماڻا ڏسي، تون نہ مايوس ٿي .
ڪين ٽينديون ڍليون دولهن جون دليون
اي بلاول جا پُٽ ! گهاٽ گهاٽا ڏسي، تون نہ مايوس ٿي.
جنگ آ، جنگ ۾ اِئين ٿيندو تہ آ
دَرَ دريون گهرَ گهٽيون رَتُ هاڻا ڏسي، تون نہ مايوس ٿي
ڏيءُ حجَاج جي ......... پيڻ ارغون جي ......
ماءُ الطاف جي ........اوفِلاڻا ڏسي، تون نہ مايوس ٿي.
هاڻِ سرڪش اُٿي ڪاهُڏي ڏي ڪُڏي
دشمنن ساڻ هي وڏ گهراڻا ڏسي، تون نہ مايوس ٿي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ثـــواب راس نـــــ آيـــا اٿـــر گنـــاهـــ هجـــي.
گهٽـا هجـن نــ هجـن کــو تــ خيــر خــواهــ هجــي.
انهــيءَ جــي لاءِ تــ ڪجهــ نــاهــ چـڙهيـو ڦـاهــي
اهــو ئــي شخــص جــو سڏبــو جهــان پنــاهــ هجــي.
قتـــل جـــو ڪيـــس ٽيـــو پيـــش آهـــ قـــاتـــل وٽ
ٺئــي نـــ عــدل ڪٿــي ڏيهـــ ئــي گــواهــ هجــي.
مٺـــي ڪـــانپـــوءِ بـــ سڏ جـــان سنـــدءِ حـــوالي ســـان
نـــ تيستـــائيـــن رڳـــو، جيستـــائيـــن ســـاهـــ هجـــي.
مـــوت ســـان نـــاهـ ڪـــرڻ ڳـــالهـــ ڪـــا وڏي نـــاهـــي
مگـــر نـــ قـــوم جـــي دشمـــن ڪـــوئـــي نـــاهـــ هجـــي.
سچـــو هيـــو ڏيهـــ ڪٿـــي تـــون ئـــي پنهنجـــي نـــالي ڪـــر
نـــانءَ منهنجـــي تـــي رڳـــو سنـــڌ هجـــي شـــاهـــ هجـــي،
گـــذاريـــون سنـــڌ ۾ ٿـــا پـــاڻ ايئـــن ســـرڪـــش جيئـــن
يتيـــم پـــارشهـــر ۾ بڪـــن ڪـــان پـــاهـــ هجـــي.

*****



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀَريون ٿو بُغض وتي پيار ڪيئن ڪريان.
بي اعتبار مٺان اعتبار ڪيئن ڪريان .

ٻَئي رئيس جي اوطاق پير جي درگاهه،
شريف قوم جي دشمن سان پيار ڪيئن ڪريان

نه سوچ پنڌ پهڻ ٿي نه موت جذبن جو
لطيف سائين! صبر اختيار ڪيئن ڪريان

ٿيو نه آجپو حاصل اَڃا ويا پڇجي
قبر جي پَرِ تي پُڇي انتظار ڪيئن ڪريان.

قدم قدم تي شهادت گهڙي گهڙي ورسي
ڏسيو هيءِ ڏينهن عُمر ۾ شمار ڪيئن ڪريان.

ذرو ذري کان جدا ٿي ويو جڏهن سرڪش
وجود پنهنجو اجان تار تار ڪيئن ڪريان .

****

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ذرتيءَ سان پيار پنهنجي ايمان ۾ وڌم
قرآن جوئي ورق هو قرآن ۾ وڌم .
ڏيئي سموري ڏيهه کي احساس امن جو
انسانيت جي روح کي انسان ۾ وڌم .
ڪاٽيندو عمر قيد ۾ توکي خبر هجي
تنهنجو خيال ذهن جي زندان ۾ وڌم.
ڪنهن جو سِرانديِ پاٽهن ڏني ننڊوئي ڪٽي
اڪرين اُجارين کي نقصان ۾ وڌم.
ملٺو هيو ئي ڪجهه به نه جن مان، نه ڪجهه مليو
پاڪر اجايو پاڳ ۽ پڳوان ۾ وڌم .
جنت جي حُور سرڪش جنهن کي وٿيس ڏئي
هِي نيڻ تنهن جي گهر جي ايوان ۾ وڌم.

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تقاضا مُند جي آهي اُٺني ڏيو.
مِٽيءَ کي ٻڄُ پاٽي روشني ڏيو.
رڳو ويهي ڏسڻ مان ڪجهه نہ حاصل ،
تمنا کي عمل جي زندگي ڏيو.
امن جي چانوَ ۾ جيئڻ سُٺو پر
عُمر هوشيوءَ جي همت کي لکي ڏيو.
اوهان جي پناند ۾ پيڙا تہ آهي،
مگر ايندڙ نسل کي کا خوشني ڏيو،
گهٽا ئِي، ساهَہ واپارڻ اچي ويا،
ڏيو، هائو ڏيو دوداتہ ٿي ڏيو.
اگهِي هيڏي عُمر کان آهہ بهتر،
سگهِي هڪڙي گهڙي مونکي وٺي ڏيو.
دغا جو ديس وارن سان کري پيو،
انهيءَ کي لک لعنت جو کڏي ڏيو.
سيئي سرواڻ گڏ جو قوم خاطر،
سُجاجي سمجهہ کان ٿيا هو، صحي ڏيو.
اکين ۾ شور پائي ايندڙوکجهہ،
پريشان حال سرکش تي کِلي ڏيو

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نينهَن ڦاڙيو ۽ چيريو ٻُڪيو شينهُن ٿِي.

جِيءَ جيڪِي بچيو آ رڳو نينهُن ٿي.

پيرهه جهڙا پرين آءُ عاشورڙا ،

مونڌي واجهائجان عيد جو ڏينهن ٿي.

هِيءَ هنولي نه آ، مَن متان ڪِي پُلئين،

پيو سجي رات ڪان رَت جو مينهُن ٿي.

جيترو جي سگهين تيترو جِيءَ پر،

ڳَل سَهي جي نه ٿي تون ٻبر شينهُن ٿي.

مُند گولين جي آ سِنڌُ سرڪش سڌيو،

ٿي پُڇي قوم سان ڪيترو نينهُن ٿِي.

***

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هِيٽــو ٿــي ڏاڍي ســان اُٿـكيــو بــاغِــي چيٻــو.
ڦــاسـيءَ جــي تختــي تــي مــركيــو غــازي چيٻــو.
منــزل ڪــيِ مــاٺــڻ ٿــو چــاهيــن ســاهيــون ڇڏبيــون
جنهــن جنهــن آهــ ڪُٺــايــو رستــو راهــي چيٻــو.
سيــاڻــا مــاٺهــو آهيــو، ڇــو نــ سُڃــاڻــو ٿــاهِــي،
قَسمــن تــي ڪنهــن هنــڌ نــ هيڪيــو حــاجِــي چيٻــو.
ســپ ڪنهــن ڪــي ڇئــي ”جِــيءُ“ اڪيــن ۾ جــاءِ ڏنــائيــن
ٽينــدو پيــو لچپــال نـــ اهـــڙو سنــڌي چيٻـــو.
سِــرَ جــو خطــرو هــونــدي ويتــو ســچ ڳــالهــائــي،
ســرڪــش ســامــي، شــاهــ سچــل جــو ســاٿِــي چيٻــو.

***

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

كيڏا كيڏا ٻار كنيون ٿو ساڻ وتان.
آس ركي آزار كنيون ٿو ساڻ وتان .
پرسان وينل ،پَر ۾ ويهي ڳالهه نه پُڇ،
ڇاڇا منهنجا پار كنيون ٿو ساڻ وتان.
پنهنجا هٿا جي دل تي پالي جو ان كير،
پين جا درد ٻه ڌار كنيون ٿو ساڻ وتان.
ساهه ڏٻو، ها سڄِي توكي چاهيندي،
دنيا جا تكرار كنيون ٿو ساڻ وتان.
توكي پائڻ لاءِ ته ڳُردا، آنڊا، دل
ٽكل ٽٽل بيمار كنيون ٿو ساڻ وتان.
پيو كجهه ناهي خالي هٿ مسكين صحي،
نيڻ ته شاهوكار كنيون ٿو سان وتان .
پئسو پئسو مُلهه آهي جيكو ٻه وٺي ،
پُونءَ جا سڀ پوتار كنيون ٿو ساڻ وتان.
منهنجا گيت غزل ٻي توتي ڇانوكندا،
سائو وَڻُ هان ڏار كنيون ٿو ساڻ وتان.
ساهَنِ ۾ سرهاڻ پريل هِيءَ ڇاجي آ،
پياري، تنهنجا پيار كنيون ٿو ساڻ وتان.
سركش تنهنجو، تنهنجو تنهنجو ،تنهنجو آ،
ازل،ابد اقرار كنيون ٿو ساڻ وتان.

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سِتم جي چوٽ تہ هر شخص جي هٿان تي لڳي.
تڏهن بہ تنهنجي ڪري تنهنجي شهر سان تي لڳي.
اسان جي دل بہ پرندڙ جبل نموني آ
نہ ڏوهہ ڪنهن تي ڏبو آڳ اندران تي لڳي.
قَسم آسنڌُ جو مون ڪان پري رهين جيڪا
گهڙي گهڙي بہ اها عمرقيد جان تي لڳي.
نہ هيءُ واهہ نہ درياهہ آ جو بند ڪجي
اکين کي روڻ الائي ڪٿان ڪٿان تي لڳي.
ملي جنم تہ بهارن کي تنهنجي مرڪڻ سان
نگاهہ شوخ نہ ڪڻ جو اها خزان تي لڳي.
رُئان تہ آءُ خوشيءَ جي چمار تي سرڪش
غريب لڙڪ مٿان غير کي منيان تي لڳي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غم تہ هروار ڪڏهن يار خوشي ڏيندو ڪر.

جي تو ماڻهن ڪان دِڇين پيار لڪي ڏيندو ڪر.

سخت پياسو تي گهران آءُ تہ پنهنجي هٿ سان،

ڏيئي شربت نہ سگهين زهر ڪٽي ڏيندو ڪر.

آهہ جت پيار وفائن جو ديوتا وينل

دل جي مندر ڪي نہ پُلجي بہ پٽي ڏيندو ڪر،

ڪجهہ نہ ڪُجهہ منهنجي محبت جو ڀرم رهجي اچي

جهٽڪَ محفل ۾ ڏيڻ چاهين ڪلي ڏيندو ڪر.

ٻي سزا ڪهڙي هجي قوم جا دشمن توکي

پاڻ کي هڪڙو ٻجو روز اُٿي ڏيندو ڪر.

ڪين گِهبراءِ زماني جي سِتم کان سرڪش

سَچُ چوٺو تہ خدا ڪي بہ چٺي ڏيندو ڪر.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪَڙيءَ ڪَڙيءَ جي ڪاٽ ۾ تنهنجو منهنجو چاهُ جِئي .
آزاديءَ جي واٽ ۾ وَر وَر پيو ويساهه جَئي.
نينهن نشانن جي سامهون آهِه تہ آڙيڪاپ اجان
هيڏيءَ تاري لاٽ ۾ سِرَ ڪان بي پرواهه جئي.
پيٽَ وَرن ۾ ساندي رک راز سمورين راتين جا
جيئي ڦاسي گهاٽ ۾ هيئوءَ جو همراهه جئي.
پاپين پيڙا گهر جوڙيا ننهن ۽ ماسُ پيا وچڙن
مُور نہ ڪنهن سَر ٻاٽ ۾ اندر جو اونداهه جئي .
جيستائين ڏيهه جئي سنڌين سان ساٿيهه جئي،
گولين جي گر ڙاٽ ۾ سرڪش سنڌي شاهه جئي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راهَ گذر ۽ راهَ جيان گڏ هُوندِي ڪر
پيارن جي پرواهه جيان گڏ هوندي ڪر.
ويل ڪويل ٿو ويل پراوا ڪير سهي،
باغِي ۽ بُنگاهه جيان گڏ هوندي ڪر.
اندر جي احساسن کي وساهه چمي،
ذرتي ۽ درياهه جيان گڏ هو ندي ڪر.
پائي هيءُ وجود ب سپ امر تائون،
ڀٽ ۽ ڀٽ جي شاهه جيان گڏ هوندي ڪر.
تنهنجا نيڻ جيا پر بخشيندا سرڪش
مونسان منهنجي ساهه جيان گڏ هوندي ڪر.

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عظمت جي حوالي سان تعليم سني رکجان .
استاد جي هر لمحي تعظيم اُتي رکجان .

آ چئن ڏهاڙن جي پر شيءِ تہ وڏي آهي
هن عمر جو هر هڪ پل هر وقت صحي رکجان .

بارود جي سيني ۾ آ موت پريل هوندو
جيئڻ تہ گهرين جڳ ۾ دل پيار پري رکجان .

منشور جي لفظن کي کا سوُنهن ڏنئہ چا ٿيو
تحريڪ عمل واري هرگز نہ ٻسي رکجان .

مذهب جي نظر جهيٽي عينڪ بہ وري کاري
رستي ۾ بلائُون ٿي هر پير ڏسي رکجان .

تون چاتو وٺڻ چاهين ۽ چاتو ڏيڻ چاهين
هر دور جي قومن جي تاريخ پڙهي رکجان .

مرڪن جي ضرورت آ غمگين جي چهري کي .
ڏي جهول پري پنهنجي جذبن کي سخي رکجان .

احساس جي پيرن تي هٿ رک تہ پهچين منزل
اُنصاف جي آڏو سر سجدي ۾ وجي رکجان .

سرڪش تہ چيوتوکي . جو پيءُ کي چوٽو هو ،
تون دوست ۽ دشمن ڏي پلجي نہ پُني رکجان .

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪڙو ڏينهن حياتي پر آزاديءَ جو .
صديون جيون ڪھڙو غلاميءَ جو .
خُوشبو چانڊوڪيءَ ۾ وهنتل وينگس تون
تور نہ تارازيءَ ۾ شوق شرابيءَ جو .
سيخن پوريان احساسن جي ڳالھہ نہ چيڙ ،
پِتَ جوميلو پُٽُ بيمار آ راڳيءَ جو .
نيٿ تہ ڪا مجبوري هوندي هيموءَ لاءِ
چمندو ڪير خوشيءَ سان ڦندوڦاهيءَ جو .
اُڀ تي ڳڏجي تارا ٽمڪيا ، ڦاٽي پيو
ڪاٽي هو مضبوط جگر اونداهيءَ جو .
باغي چمندو سرڪش تنهنجو گيت وري
گيت بہ ڏسندو رهندو رستو باغيءَ جو.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عزّت عظمت دولت امن حياتي گهرجي .
پر اڳ ۾ ئي سيني کان آزادي گهرجي .
دنيا جي ڏنوانن جا دهمان ختم
چنگيزي دستور جي هاڻ پڇاڻي گهرجي .
ارغونن جي پونير استحصالين جا
ڏاهي پير اٿي کا اهڙي ڇاتي گهرجي .
جيڪا قوم جيئڻ ٿي چاهي چاهي جيئڻ جٿي ،
انکي ان جو حقّ ملڻ انساني گهرجي .
پاڪر ۾ خوشبوين ساهن جا آواز
ساري جڳ کي ريت پريت نرالي گهرجي .
چاندوڪيءَ ۾ پيار ورهايون کير جيان
مُرڪ چپن تي دائم قائم ساٿي گهرجي .
گفتن منجهه گلاب هزارين ، اکڙين ۾
بينل پاڻيءَ لاءِ ڪنول جي هاڻي گهرجي .
سرڪش جو سرُ حاضر آهي بسم الله،
بدلي ۾ هيءَ سنڌ جي ڌرتي آجي گهرجي .

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سارا صبح ۽ ساريون شامون تنهنجي لاءِ.
اپري جيون جون آشائون تنهنجي لاءِ.
آشائن کي سونو پاڻي ڏئي جرڪاءِ
عيد ڏهاڙي گائون مائون تنهنجي لاءِ.
دنيا جا مظلوم ٻ رهندا آهن پر
دل جي شهر جا گهر ۽ راهون تنهنجي لاءِ
اولا سولا جهڙا تهڙا منهنجي سڄڻي !
جيڪي ساه کڻان ٿو آئون تنهنجي لاءِ.
اپ تي ڪٿ قطب کي ڦيرا ڏيندي پئي
منهنجا لفظ خيال صدائون تنهنجي لاءِ.
او آزادي ! سنڌي قوم جي پارت ٿي
سرڪش جا سڀ گيت ۽ وايون تنهنجي لاءِ .

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجي ڌرتي کي لڳن روز نہ ڌاڙا ڇا ٿيو !
تنهنجي ان جهور تمنا جو ڪراڙا - ڇا ٿيو ؟
هر صبح شام جو چپ چاپ ائين گذري وڃڻ
جي ڏنا تو تہ ڏنا ٻول ٻہ ٻاڙا -ڇا ٿيو !
زندگي ٿر جو سفر ، پنڌ مسافر معذور
تو ڏنو سات پرين چار ڏهاڙا ڇا ٿيو !
ڪئن ڪٽان ڪنڌ غلاميءَ جو دنيا ۾ سرڪش
ٿوپُ ٻي سَئين جو پيل پير اگهاڙا ڇا ٿيو !

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳوليم ته گهڻو ئي پر ڪٿ پتو ڪرو نه لڳو .
انسان جي عظمت جو ڪو خير گهرو نه لڳو .

سيني ۾ پريل ڪينو، ويساه نه پئي آيو
اڪڙن ڪي ڏسڻ ۾ هو ماٺو ته برو نه لڳو .

بيماري وچڙي وئي خود غرضيءَ جي سڀ ڪي
آپيار ويو ڪاڄي نفرت ڪي سرو نه لڳو .

هُوندي جي حوالي سان هر قوند پريل ماٺو ،
سيٺيو ته گهڻو ليڪن اُپ ساڃ طرو نه لڳو .

ڇا ڇا ٿو پتين ڪي ڇئين تون برشن رنگن سان
بيداد محل وارو انصاف ڏرو نه لڳو .

سرڪش ٿي پيو آهي جيئڻ نه مرڻ جهڙو
احساس وڏو جهوري ڳولي يا ڇرو نه لڳو .

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

توکي بہ حياتي هڪ پيرو مونکي بہ حياتي هڪ پيرو .

مون سوَسوَيِيرا ڳالهہ ڪدي پر تونہ سجاتي هڪ پيرو .

ڪو پيار امن جي ليٽڻ ۾ سڀ نيڻ ملائي گم ٿي ويو

همدردي واري جذبي سان ڪنهن لنوَ بہ نہ لاتي هڪ پيرو .

هرگل جي سونهن سُڳند جو سُنهُن ڪاخير ، خوشي ، خوشبو جي بها

هن انسانن جي مَنديءَ ۾ انسان نہ ڇاتي هڪ پيرو .

دل واري دل جا دروازا ڪٿ نينهن نهار نظاري لئہ

کولي تہ ڇڏيا هئا شام صبح ڪا جوهہ نہ جهاتي هڪ پيرو .




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حق وارن کي حق مليو - مان ڪيئن ميجان .
انڌي سئي ۾ سڳو وڌو - مان ڪيئن ميجان .
ڳنڍين گوليون قاتل دل ۾ پيار ٽٽل
ساگر ۾ ڪو پنڌ هليو - مان ڪيئن ميجان .
ڪالهہ بہ رئيس نندي جي هٿ ۾ تسبي هئي .
نڪري پيو آ ٽوهہ منو - مان ڪيئن ميجان .
شهر سڄي ۾ مظلومن جا ٽهڪ اٿيا
ڏک لڳا پرڏردنہ ٿيو - مان ڪيئن ميجان .
ڳيرو باز رهن پيا گڏ هڪ ٽاريءَ تي
پاپي آهي پيار ڪيو - مان ڪيئن ميجان .
ڪالا باغ ٿهڻ سان ٻاري گهاٽي ٿئي
لوڻ وجهڻ سان زخم ڇٽو - مان ڪيئن ميجان .
پير ۾ مير چُميا هٿَ چاهئون پورهيت جا
ماٺهو ويچن مان نڪتو - مان ڪيئن ميجان .
ٻاهرءِ دود سان باغ بهاريا گل مرڪيا -
امن سوا انسان بچيو - مان ڪيئن ميجان .
تڙپيون دلڙيون بيدردن جون دانهن تي ،
اولهہ کان سج اڀري پيو - مان ڪيئن ميجان .
سڌُ ٿيو ، سڌَ تي سرڪردا سڀ ڊوڙي پيا
سرڪش ڏاڍي نند هيو - مان ڪيئن ميجا ن.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجو مٺو هجي ۽ تنهنجي ڳلي هجي.
مفتيءَ جو گهر گذر ۾ سامهون پلي هجي.
احوال دل جو اکڙين سارو ڪري ڇڏيو
باقي رهيو ٻه چا جو توسان اَلي هجي.
پَنَ چَٽَ جي واءُ ايڏي ٽڪري نہ گهل متان
وڻني گلن جي چانو ۾ ڪا دل جلي هجي.
مشڪل ڪي آءُ مشڪل نالو ٻہ ڇوڏيان
پر جي ڪڏهن تومنهنجي جاني جهلي هجي.
سرڪش اجايو ڪنهنکي سمجهائجي ٻہ ڇو
مونکي ڏسيو تہ پيا رکان ڪادل پلي هجي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رِيت ڪٽي تو آندي ڪهڙي.
تنهنجي ٻانهن سِراندي ڪهڙي.
سڄ ٻر پنهنجي جند ٿو ساڙي
لڄُ پڄُ ڪان آ واندي ڪهڙي.
اُجرو مَنُ آزادي جهڙو
عِيد ملهائي ٻاندي ڪهڙي.
چَندُ ٻ ڪَنِگيءَ ورتل پهريون.
دل ٻ سدائين ماندِي ڪهڙي.

**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ساري جڳ کان پاسيرا ٿي پيار ڪيو سي .

پوءِ ٻہ ڄڻ دنيا جي دل تي ٻار ڪيوسي .

چنڊ ! اڄوڪي رات نہ پنهنجون ٻوٽ اکيون ،

ورهين جي ويرانن کي گلزارڪيوسي .

تا ساريل هن روح جي تاس لهڻ چاهيم ،

وڏندي ويئي جيئن پئي ديدار ڪيوسي .

گهايل ڏينهن جا گهاوَ ڳٽي کو ڏيکاري ،

هيءَ حياتي ڏند ڏبي اقرار ڪيوسي .

پرهہ جي پنبڻين سامهون آيو سنڌو جيئن ،

پنهنجي چاه جو ٿانءُ ڪٽي ٿمٽار ڪيوسي .

ڪيئن بچي خوشبوءِ هوا جي چغلين کان ،

اوتي ڪير ڪٿوري ۾ ويچار ڪيوسي .

سرڪش ڄڻ تہ گلاب اکين ۾ پوکيا ٿي ،

سيني پاڻهي سمجهيو ، ڪِٿ اِظهار ڪيوسي .

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ نہ هڪ هجي ضرور هجي.
تون نہ هجين تنهنجو پُور هجي.
ٿي لڳي غير جي غلامي جِئڻ
زندگي مٽي جو سُور هجي.
عشق ٿو ڪري ضرورتمند
پيو اجان ڪيترو ڪلور هجي.
تو ڪي ڪاوڙ هجي تہ يادرهان
بي قصوري بہ ڪو قصور هجي.
پيار جي ڪهڙي آهہ مزدوري
دل فقط چاهتن جو نُور هجي.
چند تنهنجون اکيون هجن ڳاڙهيون
ڇو نہ انداهہ ڪي غرور هجي.
مان تہ هان ڪٺڪ جو اٽو ڳوٽل
تنهنجو پاڪر تتل تنور هجي.
ماڳ تي جاڳ جيئندي سرڪشَ
هانوُ همت ڪان جي نہ دور هجي.

*



جيئي سنڌ جيئل سنڌي گھر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

توٽي پنهنجي گهَر ۾ وينو آهيان .
تو رِيءَ جڻ ڪنهن ٻَرَ ۾ وينو آهيان.
نيٺ تہ ايندين مونڏي جاني ويل ڪُويل
نيڻ ڪُپائي در ۾ وينو آهيان.
گرمي سردي هوندي آءُ بغير اَجهي
پيار جي لاءِ پڌر ۾ وينو آهيان.
مرڪن جي مينارن واري ڌرتيءَ تي
ڪافر جيئن محشر ۾ وينو آهيان.
مئخاني ۾ اکڙيون کوليم، ياد نہ آ
مسجد يا مندر ۾ وينو آهيان.
جيوَنَ سان هِي موهُ اٿم ان خاطر جو
تنهنجي يار شهر ۾ وينو آهيان.
ساوَڻَ رُت جيئن آءُ پرين تون پيار ڪٹھ
سرڪش پياسي ٿر ۾ وينو آهيان.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳوليءَ جي ٻولي سيکو سمجهي ٿو.

سُوري ۽ ڏولي – سيکو سمجهي ٿو.

شيشن مان ڪو رنگ نہ هاريل آ

هَنسا ۽ هولي – سيکو سمجهي ٿو.

مان ۽ مانيءَ جي معنيٰ ڪهڙي آ

ڦهلايل جهولي – سيکو سمجهي ٿو.

او ڦِٽُو ماڻهو منهنجيءَ ڌرتيءَ تي

لعنت ۽ لولي – سيکو سمجهي ٿو.

ساري عمر غلامي سرڪش سنڌيءَ جي

اولي يا سولي – سيکو سمجهي ٿو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آهـ ڇڏيو هڪ ٻئي کي واڳي.
منهنجي لُڙڪن تنهنجي اڳي.
اکڙين کي ڏوراپا ڇاجا
تنهنجيءَ سِڪ ۾ ڪير نہ جاڳي.
دلبر جي صورت مان ورتي
سُندر صورت چنڊ سڀاڳي.
دل پُراڻي جُڳ جي نڇٽي
ڇيرِ ٻَڌي ٿي تولئہ راڳي.
آزاديءَ جي لاءِ ڏکن جو
نيٺ تہ چڙهيو ساگر جهاڳي.
پريم نگر ۾ سرڪش سنڌي
پريم جو ڪو ٻُتُ نہ داڳي.

****



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آشائن جا گل ايرن،
وِيرانن جا وَرن ڦِرن.
مو کي مَڌُ ۾ پيار نه اوت
زاهد مئخاني نه هِرن،
دنيا ڇو ٿي پورَ ٿئي
نيڻ اسان جا ٿا ٽڪرن.
پٿرن ۾ چُپ چاپ هجي
دل کان ڌڙڪا ڪِئن وسرن.
واسيل وارن ڇوڙي گهر
پوپٽ ڳاهٽ ٿي نه مرن.
ويهه ته وقت جا پَرَ ڪَترين
لمحا صديون ٿي گذرن.

****



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽِڀي اڄ عَقيدا سُتو پيِر پيو آ.
مِٿا نَرَ ڇُھارا گرمِ ڪيِر پيو آ.
نٿين سيج تي آ پُراڻي رِلهي
جوانيءَ ڪي رسمن جو زنجير پيو آ.
ڪٿي پوئِنر ڳاڙهن گلنجي مٿان
ڪٿي هار جي سُونهن تي نِير پيو آ.
اڇي ڏس تہ ريشم ٿو ڪُوماڻجي
ڪَلين جي مٿان ڪيترو بِير پيو آ.
صليبن جي پاڇن ۾ عيسيٰ پَليو
نظر جو نظر منجهہ تاثير پيو آ.
ڪنائن ۾ سرڪش مٿا ويا رُلي
اجان سڙڪ تي سچ دلگير پيو آ.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميريون ٻانهون اجريون چوڙيون .

ٿرَ ٿوهر تي نيڻ نپُوڙيون.

يادِ ڪيوٽيِ، خوابُ ٿي هوندو.

رُڄَ ۾ ڪيئن ڦٽيون ليسوڙيون!

پيار پتاشن جو آ ڀاڱي،

آءُ نہ ڄاڻان ڳالهيون ڪُوڙيون.

صبح تہ آهِ چگو پر سائين!

دل تي ڪير سهي ڏينپوڙيون.

وقت ڪيون جي بند زبانون

ڇهرن مان پيا حال پروڙيون.

گهڙِي گهڙي گهاوَن ۾ گذري

سارو جيِوَن ڇَپ پڪوڙيون.

اڄ تائين نہ ڄميون هِي سرڪش

صديون اڳ جي اُڏريون ڏوڙيون.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اَمنگ اُڀري تہ خواب تڙپيا.
پياس جاڳي سَراب تڙپيا.
حقيقتن جي هوا گهلي پئي
تہ ڪيترن جا نقاب تڙپيا.
نچَن ٿيون گوليون ڪِلي تہ ڌُونهون
لڪيون حياتين جا باب تڙپيا.
مَري پيو مئي ڪش جو ميڪدي ۾
لڇيُون صراحيون شراب تڙپيا.
ڪٺو نہ ايڏا تہ ساهہ تڏڙا
جگر جگر تي ڪباب تڙپيا.
اُٿي اَسُر جو گهريائين سجدا
گناهہ گڏ ٿيا ثواب تڙپيا.
لهو لهُو ۾ سوال سامهون
اکين اکين ۾ جواب تڙپيا.
ڏسي بهارن ۾ هيءَ پَنَ چڻ
اندر ۾ ڪيئي عذاب تڙپيا.
ڪيئہ جو شوخِي ڀريو جهنَم
ڪِلي نهاريئہ گلاب تڙپيا.
گهڙي بہ هڪ چُپ رهيو نہ سرڪش
رڳون نہ تڙپيون رباب تڙپيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اَمنگ اُڀري ته خواب ٽڙيا.
پياس جاڳي سَراب ٽڙيا.
حقيقتن جي هوا گهلي پئي
ته ڪيترن جا نقاب ٽڙيا.
نچن ٿيون گوليون ڪِلي ٿو دُونهون
لکين حياتين جا باب ٽڙيا.
ڇَري پيو مئي ڪش جو ميڪدي ۾
لُڇيون صراحيون شراب ٽڙيا.
ڪٽو نه ايذا ته ساهه ٽڏڙا
جگر جگر ٿي ڪباب ٽڙيا.
اُٿي اَسُر جو گهريائين سجدا
گناهه گڏ ٿيا ثواب ٽڙيا.
لهو لُهو ۾ سوال سامهون
اکين اکين ۾ جواب ٽڙيا.
ڏسي بهارن ۾ هيءَ پَنَ ڇڻ
اندر ۾ ڪيئي عذاب ٽڙيا.
ڪيئڻ جو شوخي ڀريو جهَنڊ
ڪِلي نهاريئه گلاب ٽڙيا.
گهڙي به هڪ چُپ رهيو نه سرڪش
رڳون نه ٽڙيون رباب ٽڙيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهاوَ مون کي ڏنئہ جيترا گهُور سان.
چڻ سَرءُ ۾ ڦُٽِي گل پيا نُور سان.

هيءُ جيون ڪَڙو ڪِرپ جهڙو نہ آ
ترٽي پَل پَل هجي سُور ناسُور سان.

پاڻ کي پاڻ ايڏو وٽانئو پرين!
تنهنجي آهيان پرِيل پيارسان پُور سان.

هِيءُ جگُ ڪجھہ نہ آ، ڪجھہ نہ ، ڪجھہ نہ آ
سُونَهن سنسارَ جي آهہ مزدور سان.

وقتَ جا چَپَ انهيءَ جا قدم ٿا چُمن
جيڪو نسبت رکي ڪائي منصور سان.

آءُ ماٺهو، نہ سرڪش نہ مجبور ئي
جيڪي آهيان، اُهو تنهنجي دستور سان.

▲



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيار جي پاند ۾ دل ڇڏي سي ٻڌي.
جڻ تہ پيرن سان منزل ڇڏي سي ٻڌي.
ونگ لفظن ۾ آهن لکل پيار جا
سِڻ پهرين سان محفل ڇڏي سي ٻَڌي.
جيڪي جڳ کان مليا گهاوَ تن جي مٿان
پنهنجي پياري جي کِل کِل ڇڏي سي ٻَڌي.
ساهہَ سرها کڄيا وقت ويو واسجي
ٽهڪڙن منجهہ ڪويل ڇڏي سي ٻَڌي.
ڪين سرڪش جهِنجهوڙي سگهي جيءَ کي
همٿن ساڻ مشڪل ڇڏي سي ٻَڌي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شام شيشن ۾ اوتي نهاري پيو.
ڪو سويرا سِهيڙيندي ماري پيو.
ڪير آ جنهنجي ڳل مان بهارون ڦٽيون
ڪير خوشبو هوا ۾ اڏاري پيو.
هُو ڪَٽورا اسان کي ئي ڄڻ پِي ويا
ٽو ٻري ڇا الائي پياري پيو.
ڏينهن اُڪرس وَتانِ‍ُ جو ڇانورو
واهہَ جي ڪَڙَ مٿان ڪنهن کي ساري پيو.
انب جي وڻ تي ڪويل ٻري چرڪ ٿي
ٺهڪڙن سان زمانو سنواري پيو.
ماڪ جا چاڪ ان ڪان پڇي ٿا سگهو
جيڪو نيٽن ۾ جِيَون کي تاري پيو.
ڪيئن سِنڌوءَ جا چَپَ خشڪ ٿيندي ڏسان
هيءَ جيڪو اسان کي جياري پيو.
تنهنجي ماضيءَ جو سُنهُن تنهنجي آئيندي لئہ
روز سرڪش لڄُي ٿو گذاري پيو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رکجي جِيَون جو پل پل.
پيار جي ڏاڳي ۾ پوتل.
تون سَرسُوتِي هاري مان،
ڀُڻ ڀِنڀي جي آ ڀرجهل.
تنها ماٿهو، ڇا ماٿهو،
اُٿ مون سان ميلي ۾ هل.
ڪِير ڪٿوري .ڪنڊ گهُري،
مان تو سان تون مون سان مل.
هوش هَتيڪو ڪيئن رهي،
مڏ ڪانَ وڏ موڪيءَ جو ڳل.
راتِ پيا سان گڏ پيئبو،
سورج جل تہ پلي پيو جل.
سرڪشُ سنڌي ڪئن سڏجي،
سيني ۾ نہ سَنائين سل.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غريبن کي گهوگها گهٽا ڪيستائين.
پيا ڏيندا پٽڪي لٽا ڪيستائين.
نہ ڌاهي سگهي تو نہ ناهي سگهي تو،
تہ پوڄيون پٿر جو خدا ڪيستائين.
دغاباز! تنهنجي منافق هٿن ۾،
تہ قرآن، ڪَڇ ۾ ڇُرا ڪيستائين.
ٽئي ٻاهر ۾ لوهہ تو ميڻ جهڙو،
ڏسان ڏاڍ تنهنجي ڏيا ڪيستائين.
ٽڪا يا ٻِڪا، هيٺ ٿيندا هميشہ
سِتم جا اهي هَٿ اڀا ڪيستائين.
پلي ڪَر سِيالي ڪان آ گُهر سيالي
اهي سُور سهبا پيا ڪيستائين.
هُنن جي ڪلهن تي جفا جون بندوقون
اسان ڪان بہ ٿيندي وفا ڪيستائين.
پيارو سرڪش هٿن سان ڪرايون
تمنا ڪي ٽُڪرا ڪيا ڪيستائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِجَ لهڻ کان اڳُ ملي پئي!
تنهنجي گهرَ جو دڳُ ملي پئي!
چورائي ويو چين سجاتم،
چور ملي ويو، سَڳُ ملي پئي!
اندر جي احساسن چاهيو،
اتهاسن جو نڳُ ملي پئي!
ويل نه تئي واهيري واري،
ويچاريءَ کي وڳُ ملي پئي!
ماٽ مَرڻ جي آهه نشاني،
جُهد کرڻ سان جَڳُ ملي پئي!
منهنجي تنهائي کي آٿت،
سرکش سِنڌوءَ لڳ ملي پئي!

✹



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توڙتي هي چوماسا آهن.

نيڻ ته پوءِ به پياسا آهن.

پارن منجهه اڪيلو جيئڻ

تنهنجا گرم دلاسا آهن.

سنِڌوءِ ۾ تُز ڳڻ ٿو چاهيان

ساههَ سُڪل وارياسا آهن.

جِتِ ۽ مون کي جيئن ڇڏي وئين

ڪين ورايا پاسا آهن.

ڪِريس ته ڪنهن به نه هٿ ڏِگهيڙيو

سُرڪش سڀ شناسا آهن.

✷

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساري جڳ کي جناب تو سمجهي.
رڳو مون کي خراب تو سمجهي.
منهنجي نيڪي گناهه ۾ داخل
پاپ پنهنجو ثواب تو سمجهي.
شوق ڪيڏي سان ويٺو ڪائي تو
حق ٻئي جو ڪباب تو سمجهي.
ذهن ڪهڙي جو هِيءُ ماڻهو آ
سچَ کي جو عذاب تو سمجهي.
سمجهه ۾ جو نٿو اچي هن کي
مون کي اهڙو ڪتاب تو سمجهي.
سُونهن سمجهي سوال تو سرڪش
پيار پنهنجو جواب تو سمجهي.

▼

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت گذري ويل پيو ساريان.
ميڻ جي گهر ۾ باهه ٿو ٻاريان.
رَتُ هارن ٽڏهن ٻه بيڏوها
آءُ ڏوهي جي لڙڪ ٿو هاريان.
آسرو يار ۾ وفائن جو
ويٺو پاڻيءَ تي پَهڻ ٿو تاريان.
ساٿ پنهنجن ٻه ڪو ڏنو ناهي
آءُ ٿو اوپرا ايئا ن ڌاريان.
هو ته مارڻ جي واسطي آيا
مان پيو مُسڪرائي ڪيڪاريان.
تو ڪي سگهبو وساري هڪ صورت
پاڻ کي پاڻ جي ڪڏهن ماريان.
گهرَ پنهنجي ۾ دشمني سرڪش
پَهرو ڀئي ڪنهن کان نيٺ بيهاريان.

*



جيجل سنڌ ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيَونُ منهنجو، پياري ! تنهنجي چانوَ ۾.

جهڙو ڪِير هجي ڪنهن سوني ٿانوَ ۾.

پاڳن وارو پانئيندوهان پاڻ کي،

تنهنجي نانوَ جو حرف آ منهنجي نانوَ ۾.

نيپنهُن ڪِٿي هي نفرت وارو آدمي

مورَ جي سُونهن نہ ليٿي ڪاري ڪانوَ ۾.

سوگِهي رکٿي پوندي ڌرتي غير کان

ڏائڻ جي اک هوندي آهي هانوَ ۾.

پيار آ فطري جذبو پنهنجي قوم سان

رسُ هوندو آ گهوٽ ڪنوار جي لانوَ ۾.

پيو ڪجهہ ناهي سرڪش تنهنجي شاعري

سِنڌوءِ جي ساڃاهہ آ ذات ۽ ڏانوَ ۾.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بند تنهنجو سلام هوندو آ.

چَپن منهنجو حرام هوندو آ.

دل جي آهي ته درد پي آهن

راهه ۾ رَئِي رغام هوندو آ.

رهه تون آباد مان ڀلي برباد

شهر سان گڏ مقام هوندو آ.

ڇا خبر ان کي، ڇاهه آزادي

ذهن جنهنجو غلام هوندو آ.

جنم وٺنديون جڏهن به خودغرضيون

حق جو قتل عام هوندو آ.

تنهنجي پاڙي اچي ته ڪيئن سرڪش

جڻ ته فوجي نظام هوندو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تڪڙي اڇجان تاري لاٽ.
ورتي نيٽڻ تنهنجي واٽ.
ڪيستائين رهندا آخر،
انهيءَ اوندهه جا ٽڪساٽ.
روشن ڪِرڻا ڪَرَ ٿا موڙن
ڦاٽي پوندا ڪيئي ڦاٽ.
اڳ ۾ ڌرتي پياري پويان
نيٽِي تنهنجا نخرا ناٽ.
دل ۾ ڳتي ڳالهه نه پڇ،
ماءُ ڪي هَنئي آ ڏِيءَ چماٽ.
جيسين ڳاٽي ۾ ڳٽ آهي
تيسين ڪهڙا شملا چاٽ.
پوڙهن جيڪو بار ڪنيو هو
انتي ڪِٽڪن چو نه ڪنوات.
سرڪش ڪنهن ڏاهي جو ڏَسُ
ڳاهٽ ٿيندا ڳيرو ڳاٽ.

*



جيئي سنڌ ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڀ ڪُجهه آهي ليڪن توري،
پاڻ کي سمجهان ٿو مان چُرڙ.
منهنجي لاءِ تون آهين جيئڻ،
پيٽ ٻڪئي لئه پٽ جو ڪُرڙ.
توٽي آگ ۾ اجلايو ويس،
پيار نه ٿيو آ منهنجو پُرڙ،
جنّت جهڙي ديس ۾ سرڪش!
جئڻ ڪو وڻ هوندو آ ٿُرڙ.

◆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهرِ گهرِ گولين جا گهوگهٽَ.
اُکلي پيا ماضيءَ جا ڦٽَ.
ياڪر پاءِ، پتين کان پُڇ،
جن سَنئي آ ايڏي سَٽ.
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گونجايا،
رئي ڪُهنبي رت ريهٽ،
ڍير گلابن جي هيٺان،
ڪيئن پئي آ ڪنهن جي ڪَٽ!
تو کان هڪڙي ڳالهه پڇان؟
منهنجي پرسان ويهه تہ جهَٽ.
عربن کان اڄ تائين چو،
سِنڌي قوم ڳچيون ۾ ڳٽ.
نيٺ اسان کي ڇا ٿي ويو؟
هڪ ٻئي کان هيءَ ايڏي ڪَٽ!
رِندن جو ڪو پارُ ٻہ ناهي،
مئخاني جا پَڃندو مَٽَ.
سي ڪجهه سمجهون ٿا سرڪش
ڄاڻي واڻي ٿياهون ڄَٽ.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاڪ نہ تنهنجي هستيءَ جهڙي.
پياري سِنڌوءَ ڌرتيءَ جهڙي.
مان ڪو ٻار غريب جي گهرَ جو
تون آن مون لئہ خرچيءَ جهڙي.
دل جو در هر هر ٿو کڙڪي
تنهنجي ياد بہ قرضيءَ جهڙي.
ايڏو موت تمنائن جو،
عُمرِ لڳي ٿي مڪليءَ جهڙي،
چانڊوڪيءَ ۾ گيت نہ ڳايو
اڪ اِڪ ڏسبي چوليءَ جهڙي.
سيکر اهڙي ڪاتي ڏينهڙ
محبت سرڪش سنڌيءَ جهڙي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عُمر جي قيدي لاءِ ٻين جي
هر آزاديءَ جا مطلب آ.
پنهنجا ساهہَ نہ پُورا ساهي
هيٺي ڇاتي جا مطلب آ.
ڪوريل ٿي آ لاپ اڏاري
ٻَڙ جي ٽاريءَ ٽاريءَ ويهي
ٻانڌي مينا سوچي ويٺي
هرَج جياتي جا مطلب آ.
گذري رات تہ هڪڙو ماڻهو
ٽڏڙا ساهہ ڀريندي پُٽڪيو
هُن جي دل نہ ڪيدي ٿي مونڏي
منهنجي آتي ڇا مطلب آ.
پاڙي وارن ڪي سمجهايو
اِگڙيءَ تي ڪو چنڊ چٽيندي
هيءَ جيڪا هر روز پرين تا
ويسهہ گهاتي جا مطلب آ.
دنيا ۾ هڪ مجبوريءَ جو
ڪيڏو آ انداز نرالو
گولي ٿيڻ جي بدران گولي
سيني لاتي جا مطلب آ.
رات ڏٺو تہ سپنو اهڙو
آهي ڪو تعبير ٻڌائي
پنهنجي گهر جي دَرَ ڪي سرڪش
ياڪي پاتي جا مطلب آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيئن ٽين پورين.
دلڙين جون دورين.
ماٺھو ماٺھن لاءِ،
ڳجرون ۽ مُورين.
ڇوري ڇَين ٽيو،
پڄ پُڄ باپورين.
پيار، امنُ، تنھنجون،
منھنجون مجبورين.
رَتُ جو رنگ ته ھڪ،
ڪارين چا پورين.
ويھي اڄ ته ورھاءِ،
ڪِل ڪِل ڪستورين.
سڀ ڪجھ ھڪ ٿئي تان
گھورين ۽ گھُورين.
عشق پلي سرڪش!
سينگاري سُورين.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرھہ جا پل دلگير پيا ھن.

مِياٽيءَ ۾ مهمير پيا ھِن.

توريءَ منهنجا ساھ سمورا

نوڙِيءَ ۾ اِنجير پيا ھن.

اوسِيئڙن جا سَرَ موڙيندي

جام اکين ۾ جهير پيا ھن.

ڪيڏي پيار مان پاتا سرڪش

ڪُرڪِي تہ بہ زنجير پيا ھن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاعر جي دل - صديون رُئندي.
محفل محفل - صديون رُئندي.
تهذيبن جا هانوَ ڇڄي پيا.
امن جي منزل - صديون رُئندي.
ٿهڪ ڏئنا جنهن چار ڏهاڙا
جيءَ ۾ جيجل - صديون رُئندي.
باغن ۾ ۾ بارُود جي بُو آ،
خوشبُوءِ جي دل - صديون رُئندي.
ڌرتيءَ جا هي گهاوَ نهاري،
ڪويل ڪويل - صديون رُئندي.
پيار سَڙي ويا سرڪش سنڌي
دل جي ڪِل ڪِل - صديون رُئندي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون ٻه مونکي پريـن ٿـو پريـن جـئـن لـڳيـن
تـرس اوسـيـڙا جيـستـائيـن اچـي.

وقت ايـڏو وڏو ويـر چـا لاءِ آ،
ڊوڙنـدو ٿـو وجـي، ڊوڙندو ٿـو وجـي.

ڏينهن کـي نـينـهن ۾ رات جـي تـات آ
کيـر کـنهـن سـان ملي، کـير کنهن لئه لڇي.

ٿـي نـهـارون ويون پـيـچرا پـيـچـرا،
آءُ بيـنـو رهيـس، لـوک پـيـو ٿـو وهـي.

شـوق وڏنـدو پـيـو، شـام ايـنـدي پـئي،
صبـحَ ٿيـندا پـيا پـيـار جـي آسـري.

چاهتن جـا سـفر! رهـ روان ۽ دوان،
ميل ٿيندا رهن، جڳ سدائين جئي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجا منهنجا ڏينهن ۽ راتيون- سِنڌُ جي نالي سان.
آهيون هڪ ٻئي جا مَنَ مان تون - سِنڌُ جي نالي سان.
گُلَ وڙڪائون مستُ هوائون خوشبو ڪيتن ۾،
ميريون ٻاڪون ڳاڙهيون شامون- سِنڌُ جي نالي سان.
پيار تہ زور سان ملڻو ناهي ڳنڍيبي دل نہ ٽُٽل،
ها، پر پاڻ ڳنڍيندا آهيون- سِنڌُ جي نالي سان.
ريشم جهڙي وِنگس ويڙهيو بُت تي اجرڪ آ.
اُڀ ۾ تارن جيڙيون ڳالهيون - سِنڌُ جي نالي سان.
پيو ڪو پاڻ کي ٻئي ڪنهنجي ئي نالي چو نہ ڪري،
پاڻ مَرون يا جِيئون صديون- سِنڌُ جي نالي سان.
آئيندا اِلزام نہ هٽجان سرڪش سنڌيءَ تي
جيئن جِياسون جيڪي جياسون. سِنڌُ جي نالي سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نظم

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي ۽ رت جون ڦينگون آخر
تنهنجي منهن تي ٿينديون ظاهر
توکي قاتل ٺهرائينديون
تنهنجو ڳاٽ ٻه لهرائينديون

ڇيرينڊڙ هي ڇنبا تنهنجا
رنئا رنئا ڳاڙها ڳاڙها
منهنجي گهر ۾ منهنجي سر تي
ايري اسري الري آيا
منهنجي مارن جون هي اکڙيون
چوليون ڏيئي ٻوڏون آڻي
تنهنجون ماڙيون ڀهرائينديون

تڙپندڙ هي لاشو منهنجو
ڌرتي ۽ کي رنگ لائيندو پيو
ويرم ٿوري آهي باقي
توکي پي تڙ پائيندو پيو
تربت جون هي پيئي ڪپرون
توکي پيئون ڌونڌاڙينديون
مون کي پيئون سرچائينديون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



تنهنجي رت ٽي بانس اٿاري
ڳلي ڳلي ۾ بدبو ٿيندي
منهنجي رتڙي گل اپاري
واس جو ڏيندي خوشبو ٿيندي
ٻوٽو ٻوٽو ٻهڪي پوندو
مونجهو مارو مرڪي پوندو
مکڙيون ديس کي مرڪائينديون

تنهنجو ڏڙيي منهنجو ڏڙيي
ٽوري ڌرتي والاريندا
توکي ماٺهون ٽوکاريندا
مون لئي ويٺا پاکاريندا
ايندڙيون جيکي ديس ڏياڙيون
نيڻ نماڻا اکڙيون آليون
مونکي گلڙا پارائينديون

سونهري اکرن سان هوندس
تاريخن ۾ آءُ سدائين
تنهنجو نانءُ به نيٺ نه هوندو
ڇو جو تون هڪ ظالم آهين
صديون جيکي اينديون وينديون
توکي لعنت ڏينديون وينديون
مونکي پيئون سارا هينديون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رت سرڪي وئو پياس لاهي وجهو
ورنه رت جي جمڻ ۾ ڪتي دير آ
گهاءُ و ڏيئي متن لوڻ ٻرڪي وئو
ورنه ويڇن پڇڻ ۾ ڪتي دير آ

تروٽي ويو رت وهي ته به اجان ست آ
پوئين ڪرڙي هٽي جي اٿاري وڌم
هي جي ڳاڙهين اکين سان ٽا ڳيرو ڏسو
تن جي پڙڪي اٿڻ ۾ ڪتي دير آ

هيءَ ڏرتي اجهو ڏرتي تي وئي
ڏيڏڪانو متان سج ايندو لهي
ٽامڙي ٽامڙي ڪي ڦلا ٽڙڪندا
ٽر واري تپڻ ۾ ڪتي دير آ

مان ڏوڻ پيو ڏوان چٽنگ چمڪي پئي
جي جيي تي اتي ڏاڍما ڙيون اهي
ڪوئلا ڪوئلا جهٽ ڪرنديون اڃي
ڪوئلن جي ٻرڻ ۾ ڪتي دير آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خوب سنڌو ۽ جي سيني ۾ گوليون هڻو
جيئن گوليون لڳن تيئن چوليون اٿن
مست مهراڻ جي موج اٿلي تہ پو
اند ننگري ٻڏڻ ۾ ڪتي دير آ

مونکي سنڌوءَ جي جهولي ۾ لوليءَ جو سنهن
مونکي سنڌوءَ جي چولي پٽولي ۽ جو سنهن
چوطرف ڪان اٿي روشني روشني
رات ڪاري ڪٽڻ ۾ ڪتي دير آ

هيءَ سرڪش جڏهن سرڪشي پئي اٿي
هن جي هستي اها الجزائر ڪبي
آڳ ايري پئي ڦات ڦاٽي پيا
پوءِ ڏرتي ڏڏڻ ۾ ڪتي دير آ

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساهہ ۾ سنڌ آ سنڌ ۾ ساهہ آ
سنڌ آ سچ پيو ڪوڙ آ ناهہ آ
سنڌ آ دل ۽ دل پيار جو ٿانءُ آ
سنڌ سنڌين جي جيون جو پيو نانءُ آ
سنڌ ڀنڀور ۽ ڪيچ جو چاهہ آ

سنڌ ، سنڌي سپوتن جي تقدير آ
سنڌ، سنڌين جي قسمت جي تصوير آ
سنڌ آ چنڊ پيو ڏيهہ اونداهہ آ
سنڌ ، سنڌين جي آهي ازل تا ابد
هيءَ سنڌ وانهيءَ لاءِ آهي سنڌ
جو نہ سمجهي ائين سو تہ گمراهہ آ

سنڌ مارئي ۽ نوري نماڻي جي آ
سنڌ هوشو ۽ هيمو ڪالاڻي جي آ
سنڌ آ شاهہ جي ، سنڌ جو شاهہ آ

سنڌ، دولهہ ۽ دودي جي غيرت جو سوال
سنڌ آ سنڌ جي سورمن جو حوال
سنڌ سرڪش جي الفت جو اوڙاهہ آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوچون منهنجون باهه شعلا
وس چو منهنجو برف ڳنڍيرو
ساڙن بيٺا جذبا جيرا
داڳي بيٺو درد وڏيرو

ڏولائن جا واچڙ آيا
چين جا ڦيڙها ڏنجهه اڏايا
ويڳاڻين آهڙو وڪوڙيو
خوشين پورٽا سوز سکايا
ڳوليان ڳوليان آئت ڪونهي
جهوراٽي جو ايرو پيرو

پورن پوريون مينگهه ملهار يون
نيڻ وسائي غم تا ٺاريون
تڏڙا تڏڙا ساهه اياري
اپريل ڳٽيون ائين سمهاريون
پنهنجي جوءِ ۾ جاتي ڪاتي
ڏاڍجون پوڏون پيار جو ديرو

لت نڙيءَ تي دانهون گهٽيل
جيب تي جرڪي دوڙانڪتل
دلڙي ڌڪي مونجهي مونجهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوريان هوريان ڦاٽل ڦاٽل
پاڳن باڪون اونده اونده
سوجهت ساٽي صبح سويرو

سختيون ڏونگر ڳاٽو پوپو
ڦاٽل سيني کهڙو ٽوپو
ماڻهه جو اٽو بت آ پوريل
پرت جو ويري ڪوڙو پوپو
اٽي ويهٽي پيڙيل پيڙيل
رت جي ماني ماٽ بسيرو ،

اڏمئي قسمت چچريل چچريل
اکڙيون ڪندر سڏڪا سهميل
ڏهه ڏهه ڏائڻ آءُ اڪيلو
سنڌوءَ پر تي هيسيل هيسيل
مرڪن جا گل مرجهي ويا سڀ
جهولن اولن جو آ ويرو ،

سرڪش ساهه به ناهي ساٿي
ڏادي دل آ ڦيرسان ڦاٿي
جيون جهڙو ابهم ڪوئي
بار غمن جو مچريل هاٿي
ڇيريل ڇيريل زور ڇريءَ سان
آس امنگون پيرو پيرو.

◆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اي دلي آرزو غير جو هر ستم
تنهنجي خاطر سنم سنڌجو آ قسم

مون جمڻ کان وٺي ديد ڏک ۾ جهلي
ڏينهن ٽيني وڏا وچ جيئري ملي
آءُ تہ گهوري ڇڏيان توتان گهورڻ جي کان
مون وتو آ جنم سنڌجو آ قسم

تو سوا زندگي ۾ نہ ڪائي گهڙي
اک اک سان لڳي تون تہ ڇاٽين پئي
پيو جئي جيئڙو تنهنجو اوسيئڙو
دل ۾ سانديو اٿم سنڌجو آ قسم

صبح جو چئين وڳي يا انهيءَ کان اڳي
تو سان ميلاپ ٿئي پرهہ جو پاپ ٿئي
سور لڙڪي وڃن ٽين ڪڙڪي وڃن
ڪوبہ جيئي نہ غم سنڌجو آ قسم

آءٌ سرڪش سان مل هو ڪلي تون بہ ڪل
ٿئي هوائن ۾ هل رات مرڪيو آ گل
چنڊ پوندو ڪڙي جر ڪندي جهوپڙي
ڏنڊ ٽيندو ختم سنڌ جو آ قسم


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڪريا پيرَ ۽ لوڙهه لهي ويا ڪٽڪن سنگ پچايا
پرين اجان ٻه نه آيا
پن پن سائو پيار جي موسم
وچڙي وئي ڦولارِ جي موسم
ساوڻ جي رت آهه اکين ۾
ڦڙڦڙجا تيا وايا
پرين اجان ٻه نه آيا

دل ۾ ايڏيون ڳٽتيون اسريون
اوٺي تي جڻ ڪنييون ايريون
چيٽ ڪتي وساڪ وهي ويا
ناهر ڳهنڊ وڄايا
پرين اجان ٻه نه آيا

ساريون ٿيءَ نه ڳيپون هون سائين
وچڙيا ڪين وريا اڄ تائين
ڪانگ اڏر تون ايندو ڪير
مون ڪيئي ڪانگ اڏايا
پرين اجان ٻه نه آيا

سر ڪش تنهنجا گيت اجايل
وڻ وڻ ويهي ڳايا ڪويل
گهايل ڪوڪ هوا ۾ گونجي
لوڪ ٻه لڙڪ وهايا
پرين اجان ٻه نه آيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نرڙ ۾ نائي ويچ اناڙي اڳ۾ ويهي سوچ نتيجو
ڦٽ تي ٻرڪ نہ لوڻ ڏهاڙي اڳ۾ ويهي سوچ نتيجو

منهنجو منهُن ڪڪائون آهي
تنهنجو گهر شيشائون آهي
پوءِ پلي تون اڇل اماڙي
اڳ۾ ويهي سوچ نتيجو

پاڙي ۾ اوسارا پٽڪا
ماڻهو ماڻهو سسڪيون سڏڪا
تڪڙ ڪري وڃراءِ نہ تاڙي
اڳ۾ ويهي سوچ نتيجو

تنهنجو گهر گڏ منهجي گهرسان
اٿلون ڏي درياءُ ٿو پرسان
بند اٿي پڄراءِ نہ پاڙي
اڳ ۾ ويهي سوچ نتيجو

ڪنڊين کي ڪن هوندا آهن
ماندن کي من هوندا آهن
قبضي ۾ رک جيڀ ۽ جاڙي
اڳ ۾ ويهي سوچ نتيجو

ڏوهہ نہ ڪنهن کي ڏستدو آهي
لوهہ نہ ڪنهن کي ڏسندو آهي
ڇاهہ ڪياڙي ڇاهہ کهاڙي
اڳ ۾ ويهي سوچ نتيجو

*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

امنگ دل جي ڏري پئي آ
چپن جي چپجي نري پئي آ
ڪيچون پچون ڪئن لچون جچون ٿا
زبان رت سان ڀري پئي آ

جهڳي اسان جي ڪکن پنن جي
نظر انهيءَ ۾ ٻه دشمنن جي
لڪي لڪي ويا وڪوڙي ويري
ڪکن تي ڪوسي رکيائون ڪيري
دکي دکي ساٻري پئي آ
زبان رت سان ڀري پئي آ

اسان جي نسنس وڍي وئي آ
اسان جي رڳ رڳ رڏي وئي آ
ڳيا ڳيا ٿي چرون پرون ٿا
ڀڳل ٽٽل کي ڳنڍڻ گهرون ٿا
جگر جليو دل ڳري پئي آ
زبان رت سان ڀري پئي آ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان جي دنيا ۾ ويل آهي
اسان جي جذبن کي نيل آهي
ڳلي ڳلي ۾ اپيو آ قاتل
اٿي تمنا پڳي نه منزل
ڪسي ٿڏي تي مري پئي آ
زبان رت سان ڀري پئي آ

هجي ڪو لمحو ٿئي نه غم ڪو
هجي مهينو سڙي نه سينو
نه سال جو ڪو سوال آهي
سمورو جيئون وبال آهي
گهڙي گهڙي ٿي ڪري پئي آ
زبان رت سان ڀري پئي آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجو پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ پريو پيٽ ناهه
پوءِ منهنجي حياتي وٺڻ ٿو گهرين
مون ته پنهنجي حياتيءَ کي سمجهيو آ وهه
وٺ تو کي خوشيءَ سان ڏيڻ ٿو گهران

منهنجي رت کي تو پانيو آ شربت ڪٿي
هي سبب آهه انکي پيڻ ٿو گهرين
مان ته چاهيا نٿو تو جهڙو دشمن پئي
هي زهر آزمائي ڏسڻ ٿو گهران

تو جو سنگين ڪنئي آءُ سمجهي ويس
منهنجي سيني مان دل کي ڪڍڻ ٿو گهرين
مان ته دل جي مٿان دل تي دل ٿو رکان
هي ڏِگهو سلسلو آ ڏسڻ ٿو گهران

تو کي دانهن جو ڪٿکو نيو آ تڏهن
پهريون چپ کي تون پاڙان پٽڻ ٿو گهرين
جيڪي ڪرڙيون هيم سي چمڻ تي ڪيم
هاڻ تنهنجي ستم تي کلڻ ٿو گهران


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تو کي منهنجي مثل مرڪ ٿي بار آ
بار اھڙي کان آجو ٿيڻ ٿو گھرين
مان ڇو ڪاٽين جي بارن ۾ پوريل رهان
ٻن پوي زندگي ھيءَ ، مرڻ ٿو گھران

تون به عادت کان مجبور آھين تڏھن
مونکي پيرن ۾ ڦٿڪيل ڏسڻ ٿو گھرين
مان به صدين کان آھيان ڪسڻ تي ھريل
ڪه ڀلي ٺار دل ، مان ڪسڻ ٿو گھران

ظلم جو ٿي قسم ڪٺا رعايت نه ڏي
سور ڏيئي گذر جي ڏيڻ ٿو گھرين
سر ڀلي ڪر قلم ، مونکي گھر جي قلم
مان قبر ۾ وڃي ڀي لکڻ ٿو گھران

نيٺ اھڙو به ڪو ڏينهن ايندو صحي
جنهن جي خطري کان خالي رهڻ ٿو گھرين
مون ڪسي پنهنجا خطرا کھائي ڇڏيا
تنهن جي سر جو اڏيءَ تي اچڻ ٿو گھران .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڄي پڄي ٿڪو تہ ڇو ؟
لڪي لڪي جيو تہ ڇو ؟
وڙهي وڙهي مري ويو ،
مري ڏسو تہ جي ويو .

ڊڄي ڊڄي رهو تہ ڇو ؟
جهڪي جهڪي هلو تہ ڇو ؟
ڪهي ڪهي ڪسي ويو ،
سيئي سپوت ٿي ويو .

اوهان جي امن چين کي
اٿو تہ ڪاٽ ٿو لڳي
هزار ڪوهہ تان اچي
اوهان کي ٿو ڦري لٽي
سجاڳ ٿيو اٿي ويو
خناس تي ڪپي ويو،

اٿو تہ باهہ پار جي
نقاب رات جو لهي ،
اٿو تہ روشني ڪجي ،
تہ چور جي خبر پوي ،
نشان سان پڄي ويو ،
۽ چور تي چڙهي ويو.

جيئي سنڌ ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوهان جي ديس ويس جو
سهاڳ ٿو لٽيون وجهي

اوهان جي ٻاجهه ٻول جو
سياڳ ٿو لٽيون وجهي
متان ڪٽي رڪي وڃو
ڪٽي ڏئي وڌي وڃو ،

اوهان جي ڪيت ڪيت جي
سونهاري سنگ سنگ سنهن
اوهان جي رنگ ڍنگ سنهن
اوهان جي انگ انگ سنهن
نه تاء تي مڙي وڃو
نه پرئتي هٽي وڃو
جتي جتي
اتي اتي اثر پوي
نگاهه جو ڪجي وڃي
ڪي هو ساهه سر پوي
ڪٺو ڪٺو نه ٿي وڃو
اٿو ملي جلي وڃو
اٿو ملي جلي وڃو .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لوڏن ۾ آ منڙي لولي .
سمجهو ساٿي سمجهو ٻولي

ڪاڏي دل ۽ ڪاڏي ڏائڻ
ڪاڏي گلڙا ڪاڏي گولي
ڪاري گولي ماري گولي
ڏاري گولي سمجهو ٻولي .

ڪاڏي تاندا ڪاندا ڪاندا
ڪاڏي ريشم پٽ جي جهولي
سنهڙي جهولي نازڪ جهولي
جهولي جهولي - سمجهو ٻولي ،

ٻگو ٽوڙهو ٻچندو پرندو
ٻٽن ٽائين ايندي ڇولي
سهٽي ويندي لوڙهي ڇولي
پرت پٽولي سمجهو ٻولي

ريٽا کهنبا رتڙا هٿڙا
ڪيڏڻ وارا ڪيڏن هولي
سرڪش سورهيه ڪارڻ سولي
اهڙي هولي سمجهو ٻولي .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کيڏاري جا واجا ٺينڊا
ڪارا ڪپڙا رڱ نيرولي
پٽڪو پوتي چولي چولي
رڱ نيرولي سمجهو ٻولي!

◆

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آطوفاني وسڪارو ٿيو
اوڍر نہ رهيو اولو نہ رهيو
هر سوچ نماڻي ساڻي ٿي
ڪي پيٽ بکيا ويڳا ٿا ها
۽ در در تي راماڻا ها
ڇا خاقو ممو دريبي
هر لحي ٿئي اوچنگار ڏني
ڪوئي نہ هيو جو لڙڪ اگهي
هيءَ شامت ڪاري قيامت ڇو
هيءَ ويڌن ڇو ڌرتي تي ٻڏي
ڪوڪن مٿان پڙ لاءُ پيو
هن پوتر پوتر ڌرتيءَ تي
هن ڌرتي ۽ جي رهواسين ڪان
ايڏو تہ وڏو انڌير ٿيو
جو اپ جو سينو ڦاٽي پيو ۽
ڌرتي ۽ سان آڪاش رنو

▲




جيئي سنڌ ڪتاب گھر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جنهن جنهن رات جو چنڊ نہ اُڀري
تنهن تنهن رات کي جاچي ڏسبو
دلوارن جي دنيا ۾ ٿيو
دلواري جو قضيو هوندو.

شام صبح جو سج جي ڳاڙهن
صاف اهائي ساک ڏئي
بيڏو هر کو ڏاڍي هٿ کان
ڌرتيءَ تي رت وهنتو هوندو.

طوفانن جون تيز هوائون
ٻوڙي وينيون ٻيڙا جني
ظلم جي پالڻهار دنيا ۾
عدل جو ٻيڙو ٻوڙيو هوندو

ڪارا ڪارا ڪڪر جي روئن
دل ڏارينڊڙ دانهن سان
سرندي واري در تان خالي
موٽيو ٻار ننڍڙڪو هوندو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽمڪي ٽمڪي اُڀ سيني تي
جي ڪنهن تاري لاٽ ڪئي
مسڪينن جي اوڍر تي ڪنهن
اُمڙ ٻرندڙ اجليو هوندو.

ٿي بيٺو آسرڪش اُلڪو
انسانن تي اپ نہ ڪري
تڙپيل روح ڏهاڙي ڏسندي
نيٺ اهو ٻي تڙپيو هوندو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏوڻ سائي ڏوڻ !
پر تون سڪٽا ڏارنہ ڏوڻ .
ذرتي ساري راڳڻ تي پٺي
پرجي آشا ڳوڻ!
سائي سڪٽا ڏارنہ ڏوڻ .

پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو
هٽي تہ وينو آن
ويچ وڃي ءَ تي ڏيپ رکندو آ
رکندو ناهي لوڻ
سائي سڪٽا ڏارنہ ڏوڻ

هڪ کي هڪ سان ضرب ڪرڻ پيو
ضرب اپت تي چيا
ٻن کي ٻارهن چوندا آهن
ٻن جي تي ٻارهوڻ .
سائي سڪٽا ڏار نہ ڏوڻ

ٻاهر بند ٻڌين تو بيٺو
ٽيي هٽي ڏس هيٺ
اندران اندران لڳي تہ ناهي
ڪائي سنهڙي روڻ .
سائي - سڪٽا ڏارنہ ڏوڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انگ ڍڪڻ لئہ ڍاتي تو هيءَ
پاتي ناهي ڪانچ
ور ور ۾ ٿي رڪٽي ڪاشئي:
چڱيءَ طرح سان چوڻ
ساٿي - سڪٽا ڏار نہ ڏوڻ

ڳاڙهين اکڙين ساڻ ڏناٿم
تنهنجا ڪارا داڳ
سرڪش جي ۾ تہ دل ڪولي ڏس
پوري آهي پروڻ
ساٿي - سڪٽا ڏار نہ ڏوڻ .

✿



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ستن ورهين جو ننڍڙو ٻالڪ
لڙڪن جا آثار ڳلن تي
پنيءَ اگهاڙو پيٽ بکايل
ڪاري اوندهہ ڇائو پارو
در در تي ٻاڏائي وينو
ٽڪر ڳيو ڪارائي ڪو!
ڪارا ٽيل چپ ٺر ٺر ڇاڙي
رات اڳين ۽ ڪان ڪاڏو ڪرنهي
ساهہ لکيءَ ۾ ساٺو ساٺو
پهر پلڪ لئہ ترسيل آهي
ڳليءَ ڳليءَ ليلائي وينو
ٽڪر ڳيو ڪارائي ڪو.

ننڍپڻ ۾ ئي پيءُ مري ويو
هو ڏي جيجل ماءُ چڙهي وئي
ماٺهن مان ٻي ترس هليو ويو
"حال غريبي ڪونہ پڇي ٿو"
هرهر هٿن ورجائي وينو
ٽڪر ڳيو ڪارائي ڪو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڳاڙهيءَ ماڙيءَ وارا صاحب !
پنهنجن پيارن ٻچڙن صدقي
گرنهه ڏيو ڪو گهري وناڻو
زور به ڪونهي ، چور به ناهيان
ظالم ساهه ستائي ويٺو ،
ٽڪر ڳيو ڪارائي ڪو .

جاڏي ڪاڏي ڇڙٻيون دڙڪا
وڄ ڙي ڇورا مهل نه آهي
هلندي هلندي ڪري پوي ٿو
ڪنهن ڪان هاٿي ڪين گهري ٿو
ابهم جان وڃائي ويٺو !
لاش ڪٿي دفنائي ڪو .

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پير ڪپايو ڪنڌ نه ڪوڙيو
ڪنڌڪپايو - هٿ نه جوڙيو

هن ڌرتي جو ماٿو مانجهي
ڇاجون باڪون ڇاجي سانجهي
وقت سڏايو دير نه ڊوڙيو

منزل سان اک اٽڪائيندو
طوفانن سان ٽڪرائيندو
آيو آيو موت نه موڙيو

مان ته پيارو سڀ ڪنهن کي آ
پيٽ آ هينان نڪ مٿي آ
ساهه سهايو نڪ نه ٻوڙيو

ڪونه مڃيندا تيستائين
"سائين سائين" جيستائين
منڊ مٿايو - گردن ٽوڙيو

شوق شهادت شادي سرڪش
سر گهرندي آزادي سرڪش
ڪيچ ڪمايو خون ولوڙيو

جيئي سنڌ ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اولهہ اوير ڇا ڇوڙاري
تنهنجي منهنجي ٿي آخواري .

جڳ جا ترها تاريل تاريل
تون مان هاريل ڳاريل ماريل
ڪوڙا قولين ڪوڙي ياري
تنهنجي منهنجي ٿي آخواري

هي جي ناهن ڏنل اڳي جا
آبا آهن ويجها ويجها
پيار جي تنگري ۾ تاتاري
تنهنجي منهنجي ٿي آخواري

منهنجي ڏيهہ جا يار ڏهيسر
نيهن نڀائڻ سولو آ پر
داءُ رکون سر ٻڌجي جواري
تنهنجي منهنجي ٿي آخواري

مرنديون ويندیون وهہ کي پيتيون
تنهنجي منهنجون پياريون ريتيون
ڇو تہ پراون پلٽي ماري
تنهنجي منهنجي ٿي آخواري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سونهن تہ جوين ڪول تہ پيارا
سينڌ تہ سندر ديس تہ دودا
سرڪش سرڙا وارا واري
تنهنجي منهنجي ٿي آ خواري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هن پيڙيل قوم جي پيڙاتي اٿڻو ٿو پوي پڇڻو ٿو پوي
آزاد هجن يا بند هجن هت ذهن مگر لڪڻو ٿو پوي .
هر صبح نئون هر سور نئون هر شام نئين هر مشڪل نئين
هر ڏينهن نئون هر ڏاڍئون هر رات نئين ۽ گهل گهل نئين
هت مجبورن تي چاٿو وهي هت جابر جي هر محفل نئين
هئن ظلم ستم جي وڻ ويڙهي مظلومن کي آ ويڙهي وئي
انصاف جڏهن گونگو ٿو ٿئي جذبن کي اتي اڇڻو ٿو پوي

پل ڳولي ڏسو مسڪين ڪوئي دلشاد ٻه آهي دنيا ۾
هڪ ٻانهون ٻڌي ٻيو ٻانهون پيچي ڪو داد ٻه آهي دنيا ۾
آٻانهن پڳل ڪي نيل لڳل آزاد ٻـ آهي دنيا ۾
هيءَ کهڙي ڪم جي آزادي آ جنهن ۾ لڪايل بربادي
ٿي جڏهن حياتي جيل ٿئي ان جيل جو در پٽڻو ٿو پوي

هڪ طرف نياڳي (ناداري) ٻئي طرف دنيا جون ڏاڍايون
هي ساٿو ساٿو ساهه پلاچا سهندو ايڏيون ارڏايون
پنهنجا ٻه ٻڌن جي لفظ نه ٿا ٻئي کهڙي در تي ٻاڏايون
ڪوئي نه ٻڌي ڪوئي نه جهلي هن ڏاڙيلن کي ڪير پلي
هن پاڻي ۽ جي ڍڪ پيئڻ ڪان هت زهر پري پيئڻو ٿو پوي

ڪي محلاتن ۾ مرڪن ٿا ڪي ٻاهر اس ۾ ٻڙڪن ٿا
جي حق گهرڻ سي سڃجن ٿا ۽ منهن ڀر اونڌا لڙڪن ٿا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بندوق هٿن ۾ لوڏيون ڪڍ سوَ سانگيئڙن تي ڪڙڪن ٿا
ڪنڌاڻن جا ڪڙڪا تہ پڌو گوليون ٺيون وسن ٺڙڪاٽہ پڌو
سر ڏار ڏسو ڌڙڌار ڏسو هر ڪنهن کي جدا ليٽو ٿو پوي

هي ماروئڙا حيران ڏسي هي قرب پريا ڪيڪان ڏسي
هي خوشين جا ارمار ڏسي هي باغيچا ويران ڏسي
اڄ اڪڙيون بارش آٿين ٿيون آباد اڳيان ايوان ڏسي
صدما ٿا اچن اڏماٿا اٿن گهٽ سوڙهہ اندر اٽڪي ٿا پون
هيءَ خشڪ نڙي ڪڏهن ٿي پوي انداز اڳيون منٽو ٿو پوي

هن ايذائن جي عادين تي هن زور ظلم بيدادين تي
هن بدمعاشن جي تعدين تي ۽ بيوس جي بربادين تي
هن ڏوهن تي هن ڏوهين تي هن ڏوهين جي آزادين تي
هن چرپٽ تي هن سرپٽ تي هن مارا ماري خرمٽ تي
هي پرزا زبانن جا جوڙي آواز گهٽيل ڪڍڻو ٿو پوي

هن ڦٽن تي هن ڦاڙن تي هن ڌڪن تي هن ڏاڙن تي
هن سورن تي هن ساڙن تي هن روڄن تي هن راڙن تي
هن ايزايل هن آزاريل هن اوڙن تي هن پاڙن تي
ڪاٻاهہ اٿي پڙڪي ٿي پوءِ سرڪش دل تڙپي ٿي پوي
اي دوست اٿو اڄ جاڳي پئو ظالم کي وڻو ، چوڙو ٿو پوي

✪



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجو جيءُ جشن ۾ آهي،
ڄڪُ هڻ ٻاهر ڇا ڇا پيو ٿئي.
ساٿِي سُونهن گلن ۾ آهي ،
گلشن اُجڙي صحرا پيو ٿئي.

ساهه مٿان ويساهه سپيئي
چلڪي سان گڏ چاهه سپيئي
اڄ ايمان تہ اَن ۾ آهي،
دان وٺي ان داتا پيو ٿئي.

سُڄَ نہ ويندي رڄ نہ ويندي
ابد ازل جي اُڃ نہ ويندي
تر جو ساهه چپن ۾ آهي،
خشڪ سمورو دريا پيو ٿئي.

جيجل جي آڃُ سڪڻ تي
ڍينگا ڍوليا ساهه ڏيڻ تي
دل جي آس دمن ۾ آهي ،
آئنت ڀاڱا ڀاڱا پيو ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آنَ جي هوتي ابهم ويندا
سَجَ ۽ سونهن جا سنگم ويندا
سارو ڏيهه ڏکن ۾ آهي،
ميٺ مزوئي ماها پيو ٿئي.

نازڪ ناري دل به نه هاري
نيڻ هراسيا مرڪ نه ماري
اوتيل جوت اکين ۾ آهي،
پيارُ نه پڙتي پُرزا پيو ٿئي.

ويل ويڇوڙا ايلي گهوڙا
ويسورن ۾ پاڙا اوڙا
ڳاهت تيو ڳوڙن ۾ آهي،
ڪونجن ڪرڪي آلا پيو ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جُھومي جُھومي گيت چوان ها مست نظارن تي.
ريشم ڳل تي لال اکين تي ڳُھندي وارن تي.

اُلڪن ڪاڏل آهي دلڙي ڪھڙا راز ڪريان
ڪھڙي لوڏي ٻانھن گھمُان ۽ ڪھڙا ناز ڪريان
پھريدار جو بيٺا آهن، پھرو پيارن تي.

پلپل پِيڙا سَوَاوسيڙا سنڌين ماٺهن لاءِ
منهنجا اندرَ! ٻاهرِ نڪري ويندن ڪي سمجهاءِ
هيڏيون هِي ٻي چين اُمنگون پيل بهارن تي.

صدين کان ڪو شهر قتل اِئين منهنجو مَنُ مُوهن
ڦاسِي گھاٽ ۾ ڪھڙو ڪرئي جُرڪائبي جيوَن
وَڄنديِ نيٺ خوشيءَ جي ڪھڙي سِينڌ سهارن تي،

پورهيتَ هارِي اُٺي پون جي، ديسُ ٺئي آزاد
سنڌي زنده باد تہ هوندي سنڌ بہ زنده باد
آهن پيرَ وڏيرا ملان شوقَ شڪارن تي،

جيڪر جيئرو ٺي نہ رهي هِت ٻوڏيندڙ ڪو پوُت
اُڏمو ڪائي جي نہ اُٿي پٺي هرڪو سِندُ سپوت!
سَرڪش سنڌي آسَ لڳائي ويٺو مارن تي.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سينڌ تي هٿ رکي چئہ نہ چئہ
چنڊ ڏسندو تہ ايندينءَ هلي.
ڪهڙو خوشبوءِ کي ڪنهنجو پَئہ ،
چنڊ ڏسندو تہ ايندينءَ هلي.
تنهنجي مرڪڻ جو سنهن ٿو ڪٿان،
پيار مان ڪين ٿيندو آ دِءُ،
چنڊ ڏسندو تہ ايندينءَ هلي.
ماڪ گل جا ڳل پئي چمي،
ڪو نہ ٽوڪي نہ پڪڙي پلئہ
چنڊ ڏسندو تہ ايندينءَ هلي.
رنگ ڏاڙهن ڪان ويندو رسي
لالُ ڪاوڙ ۾ تون ٿي نہ پئہ
چنڊ ڏسندو تہ ايندينءَ هلي.

تهڪ ڏي ڪي بهارون ڦٽن
ورنہ ساري حياتي سڙءُ.
چنڊ ڏسندو تہ ايندينءَ هلي.
آهہ سرڪش بکايل هنئي
سين، ڏي ڪا خوشيءَ جي ورءُ،
چنڊ ڏسندو تہ ايندينءَ هلي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪائي ڪنهن سان ٻول پري ها،
موتي ميڙي جهول پري ها،
بار گهٽي سان چولي چرڪو.

محبوبا جا ڳلَ چُمي ها،
عاشق جيوَن پل چُمي ها،
فاني دنيا نالو ترڪو.

چَٽن چپن مان پيار سرن ها،
احساسن جا نيڻ ٺرن ها،
جذبي جذبي ۾ ٺئي سَرڪو.

چنگ ٻرن ها چيت ڦٽن ها،
ويرانن جا ڏينهن ڪُٽن ها،
جاڏي ڪاڏي جِيون جَرڪو.

دنيا جي هر ساز ۾ جيڪر،
هر ڪنهن جي آواز ۾ جيڪر،
منهنجي ڪُونج ته منهنجو ڪرڪو.

سنگيتن جا سُر پيان ها،
ساريون صديون آءٌ جيان ها،
مونکي جُهونگاري ها هرڪو،
آءٌ هجان ها گيت امر ڪو،
آءٌ هجان ها گيت امر ڪو.

*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسين پيار ۾ ڪجهه ڪُڇندا نا هيون،
تڪرار ۾ ڪجهه ٻڌندا ناهيون.
تو چنڊ! ڏٺو هوندو تہ ڪڏهن
دشمن جي اڳيان جُهڪندا ناهيون،
پر دلبر ماڻهوءَ جي دَرَ ڪي
پُوڇڻ ڪان ڪِنّي گُسندا ناهيون.
جي پيار تہ پِيڙَ ضروري آ
جيئڻ جو جَتَنُ مجبوري آ
ڪو ساهَنِ ۾ هوندو آهي
ڪنهن ڏي تہ وري ڏسندا ناهيون.
جي ٽنڊڙيون هِيرون پاڪر ۾
طوفان تہ ڳاڙهيون رَتُ اکيون
جي چاهہ تہ ساهُ بہ گهور ڪريون
جي جنگ تہ گهرِ مرندا ناهيون.
ڪو پيار ڪري تو، سر تا ڏيون
ڪو ساز ڪري، سانهر تا ڏيون
ها - ٻُوٽِي ٻُوٽِي ٽي پٽبو
ڏئي پڙ ڪي پُٺي پڄندا ناهيون.
جي نِينهُن تہ دل مصريءَ جي تَڙَ
جي ويڙهہ تہ جهڙي شِينهَن جي ڏَڙَ
جي سُونڊُ تہ سرڪشَ هونداسين
جي مُرڪ تہ مُلهہ گهرندا ناهيون.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محاذَ تان جي محبوبا!
زنده موٽي آيس مان،
هٿ ۾ هٿ ڏئي گهمنداسين،
هڪ ٻئي جا ڳلَ چُمنداسين.
محاذ تان جي محبوبا!
هُونئن تہ منهنجي سڀ ڪُجهہ تون،
صدقو، صدقو، صدقو آ،
منهنجو تنهنجو پيار امر،
سنڌڙيءَ جي هن مِٽيءَ تان،
مٽيءَ جي هر چپٽيءَ تان.
بارُون جي دُونهين ۾،
ڇاجي تڙپيا ساههَ ڪٽي،
ڌرتيءَ جا ويساههَ ڪٽي،
جوڌو آءُ جيان مَران،
گيدي يا غدار نہ هُجان.
تنهنجي منهنجي آزادي،
قومي آزاديءَ ۾ آ،
چاهيندس اُنَ منزل تي،
گڏجي پنهنجي گهاوَن سان،
ڳاڙهي شام جيان پهچان.
پَرَ جي آءُ شهيد ٿيان،
سرڪشَ رَتُ جو رنگُ ۽ بوُ،
اوتيل گُل گُلَ ۾ هوندو،
وارن ۾ پَئي گُلَ هٽجان،
گڏ گڏ هونداسين تون مان.

◆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مبارڪ نہ ڏيو، مبارڪ نہ ڏيو،
مونکي ان ڏينهن جي ڪا مبارڪ نہ ڏيو.

ڏينهن جيڪو ڪچيءَ گار جهڙو لڳي،
قيد خاني جي ديوار جهڙو لڳي،
جنهنجي ايندي اندر ۾ زهر تي وڃان،
يا اچين ٿي اکين ۾ پٿر ٿي وڃان،
مونکي ان ڏينهن جي ڪا مبارڪ نہ ڏيو.

جنهن تي ڳيرو ڳٽيءَ وارا ماريا وڃن،
۽ هوا ۾ ڪبوتر اڏاريا وڃن،
سُورمن جون وَنيون جِت هجن سُوءَ ۾،
ڪا نہ باقي ڪشش اک آبروءَ ۾،
مونکي ان ڏينهن جي ڪا مبارڪ نہ ڏيو.

جيئن زيادھ غلاميءَ جو احساس ٿئي،
جيئن جيئري ئي ساميءَ جو احساس ٿئي،
جنهن تي آزاد قومون کِلن مون مٿان،
ڪنڌ ٿئي هيٺ سامهون نہ بيهي سگهان،
مونکي ان ڏينهن جي ڪا مبارڪ نہ ڏيو.

زندگي پي نہ سرڪش لڳي زندگي،
ڏينهن جنهن جي ڏسڻ ڪان وٺي خودڪشي،
هٿ ڳچيءَ ۾ وجهي ٿا ڪرايو خوشي،
ڪيئن مومن بتن جي ڪندو بندگي؟
مونکي ان ڏينهن جي ڪا مبارڪ نہ ڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر صبح نئون هر شام نئين،
منزل ڏي ڪجي پئي گام نئين.

اوپانڌيئڙا مانجهاندن سان
هن وقت جا ڊوش بگاڙ نه تون
وٺي نه پوئي پناهه نئين
رڪٽي نه پوئي سام نئين.

چُمر ڌرتيءَ جي پيشانيءَ کي
تاريخ جاورق نوان لکجن
سرقومر سنڌي ڪچڪول ۾ وجهه
تَحرِيڪ اپار غلام نئين.

هٿراڏو مقدر اونداهو
همٿ جي اڻ سان روشن ٿئي
غدار جي غداريءَ سان ڪا
عيار نه جوڙي مام نئين.

مجبور نگاهون رستن ۾
مظلوم صدائون پِتڪن ٿيون
بيڏوهه قتل ارمانن جو
ڪا مُند گهري ماتام نئين.
اوننڊ ! گهڙي ڪن ڇڏ مونکي
مان جاڳ ۽ جيئڻ چاهيان ٿو
دل سرڪش سنڌيءَ جي ڌڙڪي،
جو رتُ گهري آ عوام نئين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# آزاد نظم



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳاڙها پاڇا-
لهندڙ سج
۽
سنڌوءَ جل
سڀ ساڳيا آهن.
ماضيءَ جي تاريخ تي گهوري
پولارن ۾.
منهنجي حال ۽ آئيندي تي.
اسٽوپا ويران اکين سان.
ڪنهن کي جڻ ڳولي ٿو بيٺو،
روئي ٿو بيٺو.
منهنجو ماضي
منهنجي عظمت
وقت وهندڙ منجهه لڙهي ويا،
سڪل اک جي تارين وانگر.
سنڌُو ۽ جَل ۾ ابتيون سبتيون
اوِڇورا!
هن اسٽوپا تي ڪيئن چڙهيو آن؟
هيءُ پُري ٿو
آءُ پُران ٿو
صدين جي تاريخ پُري ٿي!
هيٺ لهي آ
هُو ڏس پريان



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عظمت جا آثار ٻڏڻ پيا
پيار ڏهن پيا
بيدردين کي پاتل ورديون
۽ ٻيون ايڏيون
هِن جون هُن جون
تِوسان مونسان
محڪومن سان، مظلومن سان
پورهيت ماڻهن مسڪينن سان
سيني فطري آئينن سان دهشتگرديون
نيرون ڪوٽ سڙي ٿو ٻينو
هڪ هِن ڪپ تي، هڪ هُن ڪپ تي
وچ ۾ سنڌو، اگر چپ تي!
ڪوڏل وارو
سرڪش پارو
اندر ٻاري، جند وساري
سانوڻ سياري سڏ ڪري ٿو.
آهي ڪوئي! آهي ڪوئي!!
جوڙا ميڙي، جهيڙا جهيڙي،
گهيرا ٽوڙي، رت ونوڙي،
سنڌ بچائي- قوم بچائي
ماضيءَ جا آثار بچائي
آئيندي جا پيار بچائي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنبوري جي تار ڇڄي پئي
پٽ ڌڻيءَ جو هٿ ڪپجي پيو.
بيوقتو بيتن جو موت آ.
وايون ڀارَ ڪيڏي ٿيون روئن.
ساز ڪٺي اڇلا ياراڳي.
سوچن ۾ ساڃاهون پوکيو
ڏيپ اڃان ٻه اجهاڻا ناهن،
چنڊ ڪڏهن پي لڪٽو ناهي،
جهرمر تارن جي جهرمٽ ۾.
سنڌُوءَ جي دل ٻيهڻ لڳندي.
ساگر ڪي اُپ ساهي ٿيندي.
ڌرتيءَ تي ڏيپ ڪين ڦِٽا جي،
ڪير ٿڻن ۾ خشڪ ٿي ويندو.
ڪٽندا هٿ معصوم جيئڻ تان.
ڪجهه پنهنجي اندر ۾ گهوريو!
وقت سدائين جاڳندو رهندو.
هاريل لڙڪ ٻه ورتا واپس،
شاعر، پٽائي جي ڪپيل هٿ تي!
چنڊَ ۽ چاندوڪي جي اکڙين ۾
ليئا ٿي ٻي سمجهي پائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اجنبي سڀ مرڪن ويٺا،
مڪليءَ تي صدين ڪان پوريل
ڪوئي شرم نہ آيو چوندي،
وجوديت جو قائل آهيان،
وجوديت جو قائل آهيان.

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنم تمنا ماٺيو آپر،
ڪيڏا ورهيه ته گذري ويا آهن!
اڳتي وک وڌي هلڻ ۾
شايد ان کي پوليو ٿيو آ!
پاڻ جي پوشاڪ ڍڪڻ لاءِ
ننگا ننگا نڪري پوندا.
جيئڻ سيکاريندي آهي
هر ڪا مارئي جهڙي عورت.
لهڻ مهل به نه ڳاڙهو ٿيندو
ڪاٽي ڪنهن ليڪ جو سج
ازل ،ابد
هٿي ان جي مُٺ ۾
شيشي جي بلورن وانگر،
ساڄن جا سانباها آهن،
ٿر ۾ پيڻ پوکڻ جا ،ٻ
ٿر جا ٻار، اُداس اکين سان،
خوشين جا ڏيئا ٻارڻ لاءِ
ويٺا آهن اوسيئڙي ۾،
جڏهن ٿر مان به نڪرندا،
تڏهن پڪ سان منهنجيءَ دل ۾،
بهن جيئن سوراخ نه هوندا،
بهن جيئن سوراخ نه هوندا.

جيجي سنڌي ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باغن ڏانهن نهاريو اٿيئي!
ڪڏهن باهه ۾ ٻيهي
ٽڪائي وجهندڙ آهي دونهون،
اکين کي ،
ساهه کي،
زندگي کي،
ها،ٻين جي گهرن کي ڇو ڏيندا آهن باهيون ؟
آءُ،
احساسن جو دو زخ کي،
تُز ڳائڻ لڳ ويندي آهيان،
سنڌُوءَ جهڙين تمنائن ۾
هٿن جي آڱرين جا ليڪا ڳڻيندي
عزت لاٽي عبادتگاهن جي .
سنڌوءَ پر تي عالمن ، عابدن
نفرت جي نشاندهي ڪندڙ،
نڪرن پيا نهڪا
تسبين جي ٽڙين مان،
نفرت،
مذهب واري نفرت
هڪ ٻئي کان پري رکندڙ
ناحق رت هار ٻندڙ نفرت..

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



رت کي آواز نہ هوندو آهي
دهشت جهڙو،
وحشت جهڙو،
جنهن کي انڌا ٻڌي نہ سگهندا،
فقط ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

★

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڳوٺن کان شهرن ڏانهن،
شهرن کان ڳوٺن ڏانهن،
ڏکيرڙي ڇڏيا آهن رستن،
دوستيءَ جا هٽ.
رستا
جن تان هلندو آهين ،
ٻنهي پاسن کان گلاب پوکيل.
هلکن
هلکن
هوا جي جهوٽن
سان خوشبوئون گڏجي گهر گهر پهچڻ گهرجن
ٽاميءَ هٽندا آهن، منهن رستن جا
رت هارجڻ تي.
تون نه
سنڀالي وکون کڻجانءِ!
ڪٿي رڳجي نه پوني هٿ ۽ پير
ڪنهن ماڻهوءَ جي ناحق رت ۾ !
۽ پوءِ
ڪائي نئين پرٽيل وينگس
ڪاٻي پاسي اُرهه مٿان هٿ رکي
پارا تا نه ڏيٺي وجهيءَ.
جنهن ۾ ڪروڙين دل ڌڙڪا سمايل هوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏسندو رهجانءِ!

پنهنجي پوري جوڀن سان تون.

زيتون جي ٽارين وچ ۾

لڙڪندڙ سونهري زيتونن ڏانهن

جيئن

رُت ۽ رَت ۾ فرق ڪري سگهين.

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان چاڻانٿو
چگيءَ طرح ڄاڻانٿو
تہ
شاعري، گلن جي سرهاڻ هوندي آ،
شاعري، پوپٽن جي پَرن جو رنگ هوندي آ،
شاعري، بهارن جي مرڪ هوندي آ،
شاعري سوني ٿال ۾ پيل صُوفن جهڙي هوندي آ،
شاعري ويهن سالن جي وينئل ڇوڪريءَ جي جذبن جهڙي هوندي آ،
شاعري، خميري تي لڳل چاندي، سون جي ورقن جهڙي هوندي آ،
۽
منهنجي شاعري شاعري نہ آهي شايد
منهنجي شاعريءَ جي صوفن ڪان
آ سونو ٿال ڪسجي ويو.
اها، قومي جبر جي صحرائن ۾ ڀٽڪندڙ پياسي عورت آ،
اها، ٿَرَ جي گدلي، بُکي، بيمار ڇوڪري آ،
اها، ڪوٽ جي اوچن ڪنگرن سان گسي نڪرندڙ رَڙ آ،
اها، سِنڌوءَ جي پيٽ ۾ اڏامندڙ واريءَ جو احساس آ،
ڪار جي ڪارن ڦيٿن هيٺان چچريل ابهر جي آخري هِڏڪي آ،
وقت جا وڏا شاعر!
امر تخليقڪار!
اُتي سابان جهڙن سُجن، اُجن بُکين ماڻهن لاءِ ڪيل منهنجي
شاعري. ڪي سونهن سوڀيا ۽ ابديت بخشڻ لاءِ،
ٿر جي جهوليءَ ۾،
منجهہ ۽ ڪينجهر جهڙيون
بہ جاڙيون ڏِيئر پيدا ڪر، بہ جاڙيون ڏِيئر پيدا ڪر،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آءُ چا هيا نٿو
۽
چاهيندس تہ
جي،
مون کي نهوڙي نيڻهن تنهنجو
۽
وڇوڙي جو بکيو ڦاڙي ڇني ٿو
شينهن تنهنجو.
رت رئاري
رات تنهنجي ڏينهن تنهنجو
آءُ چاهيا نٿو ۽ چاهيندس
تہ توکي ڳوليان
تنهنجو غم ميرو ٿئي
اکڙيون پري چا چوليان.
ها تپندڙ سج ۾ رلندو رهان
سڙندو رهان، ٿڪجي پوان ،
ڪنهن وڻ جيان تنهنجو مٿان پاڇو پوي.
ايئن مان بهڪي پوان،
برسات ڪان پوءِ
جيئن ٿو بهڪي سجو ڪاچو پوي!

سنڌ سلامت ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آءُ چاهيان ٿو،
ايئن شال نہ ٿئي!
قوم جي زندگي اُجڙ ٿيندي
ڪنهن ڪان همت نہ ڪنهن جي ڪاوڙجي،
منهنجي عظمت پري تمنا جي،
ٿَر جهڙي اداس تربت تي،
گيت منهنجا اگر بتيون بنجن.
آءُ چاهيا نٿو ايئن شال نہ ٿيءُ!
آءُ چاهيان ٿو ايئن شال نہ ٿئي!!

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لھاءِ!

منھنجي ھاءِ سان!
جي ھاءِ ڪا تنھنجي ملي.
مُدتن کان سڌّ ڪندڙ
۽ پڙڪندڙ
ھن نيڻ کي
جاءِ ڪا تنھنجي ملي.
زندگيءَ جي ھر گھڙي
جو ھر سفر،
رات جي برسات ۾
جيئن صبح جو ٿرُ
۽
خوشي ڏيندڙ خبر
مونلاءِ ڪا تنھنجي ملي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پاڻ نہ خوشفهميءَ رکجان!
ماڻهو مقصد کي ٿا پوڄين
تو ۾ هن ۾ فرق تہ آهي،
جيڪو فرق آڱل گوليءَ ۾ .
نہ جهڙو پيار انهہ ڏرتيءَ سان.
جنهن کي ڪانہ اڏوهي کائي.
لالچ جي يا خود غرضيءَ جي،
توکي ڪلندي ڇٽي ڇڏيا نٿو
توٽي ڪلڻ سهانگو ناهي.
مون جي تنهنجي لاءِ لکيا سي،
نوٽبڪ شاعري وارا سڄڻي!
ڪنهن پکوڙن واري کي ڏيئي
پنهنجيءَ بُک جو بلو ڪجان تون،
منهنجي مري وڃڻ ڪانپوءِ
پنهنجي انهيءَ شاعريءَ ڪان توکي
تمام زيادہ چاهيو آمون
پر
تولڻ ڪجھ ڪري نہ سگهيو هان
سواءِ انهيءَ شاعريءَ جي
توکان زيادہ پيار ڪيون مون
هن ڌرتيءَ سان،
سونهن ڏني جنهن توکي ايڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڪندي لڪندي انجي لاءِ
پوڙهو ٿي ويو آهيان مان.
قوم سچيءَ جي ۽ ڌرتيءَ جي
امانت آهن تووٽ اُهي بوڪ.
منهنجي دل جي بيهڪ توٽي
هن ڌرتيءَ جي بيهڪ پانيان
بيٺي هڪ جهڙيون ٿي آهن،
هن ڌرتيءَ جا ماٿهو توٽي
منهنجيءَ دل جا ڌڙڪا سارا
ڊانوان ڊول لڳن ٿا مون کي
هڪ جهڙائي
منهنجو جيون اهڙو نازڪ
جهڙيون هي شيشي جون چوڙيون
جيڪي توڪلهه پاتيون آهن،
شل تون ايڏو جيون ماڻين
ڌرتيءَ کي آزاد ڏسين
۽
مارو زنده باد ڏسين
جيڪو منهنجو پيو پيار آهي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگيءِ جون شفقتون ميڙي سهيڙي
مون سگهارو هٿ ڏنو
تنهنجي پتڪڙي هٿ ۾
تون جڏهن ابهم هئين.
وقت گذرڻ سان جڏهن تون
ڦوهه جوانيءَ کي پڳين،
مان ڪُراڙو جهور ٿيس،
مجبور ٿيس،
۽ سهاري لاءِ تنهنجو
هٿ وٺڻ چاهيم اي پُٽَ!
منهنجي ڏڪندر هٿ ۾
تو نہ پنهنجو هٿ ڏنو.
شايد انهيءَ جي لاءِ تہ
تنهنجي ننڍڙي پٽ کي
تنهنجي هٿ جي گهرج آ،
تون انهيءَ کي ڏيڻ گهرين ٿو،
پنهنجو هيءُ مضبوط هٿ.
مون کي هڪڙو خوف آهي،
خوف جو احساس آ ڏاڍو شديد
جُهور پوڙهو ٿئين جڏهن تون
تنهنجو ڳڀرو پُٽُ ٻي
ڪو نہ ڏيندو توکي هَٿُ،
ڪونہ ڏيندو توکي هَٿُ،



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لڳَ آهورا.
اٺم ڪورا ٻريا
ڏسُ نہ مونڊي
جُوهہَ پائي اوچريا!
ڪا گهڙي منهنجيون اکيون
ناهن ٺريون
گهَر ڏياٺي تنئي مٿان
ڪُرڙيون ترڀون
انتظارن ۾ جواني
مهرباني
ويا اٺم پيئجي پريا.
عُمر سِنڌوءَ جي ڪناري
بيهندس.
پاڻ آزاديءَ تي واري بيهندس
ڇاڪبي هيءَ زندگاني؟
يار جاني!
ساهہَ سڀ سُورن پريا.
ڪيستائين هيئَن
سرڪشَ جيئجي؟
زهر جو درياءَ
سارو پيئجي!
تي وڃي منهنجي زباني
وقت آني
ڪي مٿان وارث وريا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنڌ هيٺان تو وِهاڻو!
جُست سان،
گولي ڇُٽي وئي.
ها ڪُٽي وئي.
پيو ڪري پنڇي اُڏاڻو.
هو تہ ڏس
هر ديسَ ڄاول.
جيئڻ ٻلاول.
پيو رڳي رت ساڻ ڳهاڻو.
ٻاهر آ
تڙپيڙ لائِي
تو نہ پاتي
جيءَ جهاتي ڪو پُڇاڻو؟
ڪيت ۾
ڪا زندگي ڙي
اڌمُئي ڙي
سُونهن ڦٽڪي پيار ساڻو.
هاءِ ڙي
مومل جو ماڻو
پاڻ ڄاڻو
رات پي آيو نہ راڻو.
اڄ نہ ٿيون
سرڪش وفائون
نيٺ آئون
ڇا چوان ايندو سياڻو!
ڪَنڌ هيٺان تو وهاڻو.

◆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڌي کي ڪيئن ڏيکاريندين؟
گهاٽي وڻ جي ڇانو اوچورا!
پوري اڌ صدي ٿي گذري.
ڪيئي اکڙيون پٿر ٿي ويون،
پني رهيو آن پنهنجي درتان!
ڪاٺ جي خالي ڪوکي جهڙي
تنهنجي وقعت ڪانهه رهي آ.
اڳواڻن جون تقريرون ۽
گرجائن جون گهنٽيون، پانگون مسيتين مان،
سڀ لڳن ٿيون
ٻاڙيون، ٻاڙيون
ڇا ٿيو آهي اڳواڻن کي،
منزل تي پهچائڻ بدران
غداريءَ سان قوم سڄيءَ کي
پٽڙين تي بيهاريو ويو آ.
انڌو ٻوڙو ڊرائيور آ.
ٿوري ويرم آهي باقي
لوهه جون پٽڙيون ڪاريون ڪاريون
آهن سُرخي مهنڊ واريون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪر هاٿي جلد اچي پئو

( نه ته )

قبرستان ۾ پهچي ويندو!

جتي چريا ۽ سياڻا ماڻهو،

هڪ جهڙا خاموش رهن ٿا،

هڪ جهڙا خاموش رهن ٿا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سنڌي قوم نہ ڏيندس هرگز،
تبديل ٿيڻ، تورانيءَ ۾.
پريس ڪانفرنس يا جلسي ۾
گهر ڪري ٿو:
”ٻهاري آٽڻ بند ڪريو
ٻهاري آٽڻ بند ڪريو“
جي نہ تہ پوءِ:
”هيئن ڪندا سين“
”هُوئن ڪندا سين“
رات جو
پنهنجي بنگلي جي هڪ ڏاڍي وٿنڌڙ ڪمري ۾،
سهڻيءَ صورت واري عورت،
هڪڙي چُونڊ ٻهاري عورت،
آڻائي ٿو.
سائين، سائين، سائين، سائين!
چُمر چُمر ننهن ڪان چوٽيءَ تائين،
هيئن ڪري ٿو،
هُوئن ڪري ٿو،
صبح سويري، ڪجهه انڌيري،
سَوَن سَوَن جا نوٽ ڪڍي ٿو،
ان عورت جي پرس ڀري ٿو،
ڊرائيور کي سَڏ ڪري ٿو،
ٿمون! هِن کي گهرِ ڇڏي آ.

○


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪَپيل ڪان هر حالت ۾
ڪو قتل، قاتل، رت ۾ ٻاڙهو
بينو سينو نڪُ چڱو آ.
گولي نَاهه تہ ڪات، ڪُهاڙي،
لٺ يا ڀالو،
دَشمن خاطر ڏڪ چڱو آ.
ساري دنيا جا سڀ ماڻهو،
ناحق جا حامي ٿي بيهن،
توڙي جو ايئن ناممڪن آ،
پوءِ بہ جيڏا ماڻهو،
انجا حامي ٿين
ٿ
جيڏا هر هڪ ساهہ ڪٺي - ها-
ايڏا پيرا دنيا جا سڀ ناحق گڏجن.
تن کان هڪڙو حق چڱو آ.
ڪالهہ چيو پئي، هڪڙي ماڻهوءَ
هر هر پنهنجي هر شهپر تي
ساڄي هٿ کي ڦيرائيندي،
شرم اکين مان ڪيرائيندي،
سونو ناهہ تہ مٽيءَ جو ٿي،
رئيس جي مُنهن تي نڪ ڦٽو آ.
مون سوچيو هو
اڳ نہ ڪاٿي، هن ڌرتيءَ تي،
ٻرندڙ چُلهہ ۾ اَڪُ ڦٽو آ.
رئيس جي مُنهن تي نڪُ ڦٽو آ؟!
○


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ ننگو مستانو ڏسندي،
اپ ڏي ڪنڌ ڪري پٽڪيائين، ڪار ۾ ويهندي.
اي خالق!
پنجٽيهه سال گذاريم سڪندي،
هڪڙي ڪنهن هڪجيڏي خاطر،
تو وٽ مون رئيسياڻيءَ لاءِ،
اهڙو گدلو سدلو هڪڙو،
مستانو پي ڪونه هيو ڇا؟
جنهن سان پنهنجون تنهايون،
آءُ ڪٽيان ها، پاڪر پائي،
مون کي ٻي مستان ڪري ها!
ڪجهه نه ڪجهه انسان ڪري ها.
سياڻن تي احسان ڪري ها.
يا
مان پي هن طبقاتي دنيا کان،
لڱاپا ٽوڙي،
ننگيءَ مستاني ٿيان ها!
بابا کي،
سندس ڏنل زمين،
چارسئو ايڪڙ واپس ڏيان ها!
جنهن زمين جي خاطر مونکي
جيئري ئي چڻ پوريو ويو آ،

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهر ۾ ويٺي دم دم ساڙيان..
حسرتن جي خاڪ اڏاريان،
موت اچڻ جي اوسيئڙي ۾ .
زنده آهيان ته ڪنهن کي چاهيان؟
چارسئو ايڪڙ زمين کي
يا ، هن ڇيرو مستاني کي؟
جيڪو ڪنهن جي ڳرلا ۾ آ!

▲

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏسندي ڪين اکيون ٽيون ڏاپن
مان
۽
منهنجي هڪڙي پيڙهي
کهڙيءَ ريت خوشيءَ ۾ ماپن!
سهڻا سهڻا تحفا آندا
تن لئه دل جا ڏڙڪا ماندا.
منهنجي گهر ۾ هي
مهمان پري جا آيا آهن.
ڳوٺ سڄي کي باهه ڏنائون
رهندو آهيان جنهن ۾ آئون.
سڙندا ڏسندي پنهنجا پاٽا،
آيا دانهين سڀ ڳوناٽا،
قومي دشمن گهرِ ويهاري،
نائُون جي پوئواري ڪئي ٿي
رئيس وڏا غدّاري ڪئي ٿي.
ڳوناٽن کي گاريون ڏيئي،
يارن کي دلداريون ڏيئي،
مان سوچيان ٿو لئي ٿي گهرجي،
مونکي، منهنجي هڪ پيڙهي کي.
مائٽ مانُ نه ڏيندا چاهي،
بي غيرت ۽ سڏيندا چاهي؟
سو ته اڳيئي آئون آهيان،
سو ته اڳيئي آئون آهيان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پُٽ جي قاتل کان تہ جلي ٿو
قوم جي قاتل ساڻ کِلي ٿو.
هي آواز تہ ڏاڏي جو آ،
۽ ورجاءُ پڙاڏي جو آ.
ڪير چوي ٿو آهي دودو؟
هي ڏس پنهنجي ڪرسيءَ خاطر
قوم جي آئيندي جو سودو !
منهنجو پيءُ وڏو آ شودو،
اهڙيءَ لئي تي لعنت آهي
جنهن ۾ جذبي غيرت آهي.
مهنجي ان کان بيزاري آ،
بيزاري آ، بيزاري آ.
ناهيان ناهيان آئون ناهيان-
ڌرتيءَ جو سنهُن نائون ناهيان.
آءُ تہ قوم سڄي جو آهيان،
پنهنجي هن ڌرتي جو آهيان
قوم جو دشمن پيءُ نہ ڇٽبو
اڳتي انکي جيءُ نہ ڇٽبو.
قوم جي آئيندي جو سودو،
جو بہ ڪري ٿو آهي شودو،
ڪوبہ نہ چوندو انکي دودو.

•



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئن ڄميو آ،
تيئن لڇيو آ،
ٽيون ڏينهن لاڪر ڪجهه ڳولي ٿو.
روئي روئي، هچ ٿي پيو آ.
ياتيءَ ياتيءَ ڏانهن ڏسي ٿو،
ماءُ جي ڇاتي ڏانهن ڏسي ٿو.
پتڪڙا هٿ ڦيرائيندي،
اکين اکين ۾ هيئن پڇي ٿو:
تنهنجيءَ ممتا کي ڇا ٿيو آ؟
ماتا، ان جو ڏک سمجهي ٿي
۽
روئي ٿي،
ڪَن ۾ انکي هيئن چوي ٿي:
ڇڏ رسامون فيڊر وٺ تون!
پَلجي نپجي
پُٽَ! وڏو ٿي ۽ پوءِ دشمن جو در وٺ تون.
هُو- جنهن منهنجو اُرهه ڪپيو آ.

○

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻَکَ بہ ڪيڏي اکين ٻُوٽ آهي!
مقدس جاءِ جو در پٽي ٿي
ٻا ڄاٽين روشنين جي عظمت
جن
پنهنجو پاڻ ڏٺوئي ناهي.
تروٽ ڇاجي لاءِ جهڪن ٿا؟
اُس تي رجندڙ پورهيت ماڻهو.
اُن ڪان ڳهاٽي ڇانوَ ملڻ تي
راڏا پيرکي پُو چيندي آ.
۽ ڪير جا ڄنڊا هٽندي آ.
جهرڪيون ڦڙڪيون
وڻ جاڳي پيا.
ننڊپيا هن منهنجا ياتي!
ڪاش تہ عيسيٰ آءُ هجان ها!
سڀ مئل جيئاري ڇڏيان ها!
هر ماڻهوءَ جو اندر ڪاڏل.
عذاب اڻ ڪٽ پوڳين وينا.
ڳهڻجي مرندا صليب سارا
جڏهن،
تڏهن روح سيئي
ٺُڪُ پڄندا اوسيئڙن جو.
سرگ تہ تنهنجي ساهن ۾ آ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان جي سونهن ڏسڻ جي خاطر
عمريون گهٽجي وينديون آهن
سرديءَ ۾ پاري وانگر،
ڊوڙي ڊوڙي تمناپويان.
منهنجي هٿن ۽ پيرن ۾
زنجير وجهو يا ڪلا ٺڪيو
اندر ئي اندر ۾ آءٌ
ڊوڙندو رهندس
آزاديءَ ڏانهن
ڊوڙندو رهندس
آزاديءَ ڏانهن.

❑

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آھ، عورت جي عزت، محبت ۽ عظمت جو احساس آھ،
پر.
آءُ ڪو پيرُ مرشد، وڏيرو نہ هان،
سَون وَرني بدن کي،
تون گنگا يا جمنا
۽
ستلج يا راويءَ مان اجرو ڪري،
ڪو غرارو ڍَڪي،
گوڏ ساڙهي ٻَڌي،
تيزرو ۾ چڙهي،
روهڙيءَ تي لهي،
منهنجي ڪچ ۾ نہ ڪرُ.
آءُ ڪو پيرُ مرشد وڏيرو نہ هان..
آءُ ڄاڻانٿو.
تنهنجا تہ، شهري ڪُتن جيئن،
ڇِڇڙن، هڏن تي هريل
ڪين گرُندا نہ سرُندا.
مگر فيض، اقبال، جالب يا غالب
بُلا شاھ، وارث
ڪٿي ويڻ پاربون، اُتي گند گاربون نہ ڏِيني متان!
۽
مونکي بہ
موهن دڙي جي پُراڻي پُوڄارڻ،
ڪِروڌ آئي، نيڻن ۾ سنڌو سمائي،
وڃي پت ڏٿيءَ کان اها سِٽ چوائي، مياري نہ ماري!
تہ
"سحڻ ۽ سائيھ ڪنهن اتا سيءَ وسري"



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماکي پٺي ماکي جوڙي
نم جي ٽارين ۾
ننڍڙا ٻار ٽا کيڏن وينا
ساين ٻارين ۾
ڳولي جي ڪنهن
سنگهر ڪولي
چپ پڪوڙيا
ڳاڙهي جهولي
رنگ هو سارين ۾
جيڪو جيڪو
سنگ بچي ويو
اڌ ڪچو ۽ اڌ پچي ويو
جڪڙيو جهارين ۾
گهر ڏياڻي ڪڻ ڪانياڻي
ڪنهن ڪنهن آهه جواني ماڻي
هر ڪر هارين ۾
سڀ ڪجهه پنهنجي ٻولي ۾ آ
ماءُ جي ڪڇ ۽
لولي ۾ آ
سُاءُ نه ڏارين ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سرڪش اڄ
ڪهنڪهر ٿو گهاري
آهي ڪوئي
سُونهن اپاري
دل جي بازارين ۾ ؟

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪين وسريو
ياد آ.
گهاوَ ڪاڌا ڪنهن اڪيلي صبح سيني تي هزار،
پئي ڏُڏي نيرن قلعي ۾ ڪيئن هوشو جي مزار!
ڪين وسريو.
ياد آ،
لڙڪ اکڙين ۾ ڪراچيءَ ڪوس تي اُٿلي پيا،
تورڙئي جي پاند سان پائي ڳراٽيون پئي اُڪهيا.
ڪين وسريو،
ياد آ،
مون پيپر جي ٿُڙَ تي بيٺي سِنڌُ جو نقشو چٽيو
تنهنجي نيڻن ۾ خوشيءَ جو چنڊ هو اڀري پيو.
ڪين وسريو.
ياد آ،
مون پرين ڪنهن گيت ۾ ڳاتي جڏهن ڏرتي هئي.
تو وِجهي ٻانهون ٻَڪي، زوريءَ چُمي ورتي هئي.
ڪين وسريو.
ياد آ،
جِگر جي ڪنڊن ۾ قاتل هيءَ سرڪشَ هانءَ آ،
مون کي آزاديءَ تنهنجو ياد هردم نانءَ آ.
ڪين وسريو
ڪين وسريو   ياد آ. ياد آ.

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آمريت جي
سپاهين جي بُوٽن،
رودن جي سِينن کي چچريو.
نہ رکجو منهنجو نانءُ ڪنهن روڊ تي،
منهنجي موت ڪان پوءِ.
سڄي عُمر چيٿاڙيو رهيو آهيان آءُ
زخمي روح جا زخم ڪير ڏسي؟
او منهنجي لازوال محبت !
سپيئي ماڻهو سقراط نہ ٿيندا آهن.
تون شاهد رهجانءِ،
پاڻ تي ۽ مونتي.
مون آزاد رهڻ ۽ جيئڻ چاهيو آ،
ڌرتي ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان.
تنهنجي نَڪَ، ڪَنن، ڳچيءَ، ٻانهن ۽ پيرن ۾
پوندڙ ڳهڻا،
اصل ۾ تنهنجي صدين جي غلاميءَ جي شاهدي هوندا.
مون تنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌا آهن
آزاديءَ جهڙا سهڻا ياڪر،
تون غلام نہ آهين.
ڪنهنجي بہ نہ،
پنهنجي بہ نہ،
آزاد هوائن ۾ پريل،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گلن جي سرهاڻ جيئن.
تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ فاصلو ڪونهي،
اوچ نيچ جو،
حاڪم ۽ محڪوم جو،
ڇو ته
منهنجي اکين ڪي دل
۽ دل کي اکيون آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تيستائين

اينٽمي هٿيار ٺاهيندڙ اوهين
پاڻ ۾ گڏ جي
امن جي واسطي ڳالهيون ڪري
ماڻهپي کي مانُ ڏيندي.
ڪائناتي سونهن وٽ.
ڪنهن امڙ
ڪنهن ڀيڻ
ڪنهن وينگس وَنيءَ جي دل رکي ،
زندگي دائم،
اکين ۾ رهڻ لاءِ.
مرڪ منهن تي ڪيڏندي ،
بي نياز هر هڪ ٻارڙو
ٽهڪڙن تي ٽهڪڙا ڏيندو وتي.
ڇوڪري، ڇوڪر جي پاسي،
نينهُن نظرن ۾ پري
بيٺي تڪي ۽ ٽڙي پٽي گل جيان.
اينٽمي هٿيار اونهي سمنڊ ۾
اڇليو متان!
مظلوم ماڻهن کي ڏجو.
جيستائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان ۽ مون جهڙا سيئي ماڻهو اُٿي،
سنگهرون ٽوڙي غلاميءَ جون وري
ڪو آجپو حاصل نه ڪن،
ڪو آجپو حاصل نه ڪن،



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ❁ سڌارو ❁

وضاحت:- صفحي ۴۶ تي ڏنل نظم غلطيءَ سان واين واري پاڱي ۾ شامل ٿي ويو آهي.

| صفحو | سٽ | غلط | درست |
| --- | --- | --- | --- |
| ۸ | ۱ | چنب، پيس | چٽ پينل |
| ۹ | ۱۰ | چير | چيريو |
| ۹ | ۱۳ | چيرو | چيريو |
| ۱۰ | ۳ | مينان | مهنا |
| ۱۰ | ۱۰ | لاءِ | لاءِ |
| ۱۲ | ۱۱ | ڪ ائهندو | ڪائيندو |
| ۱۵ | ۱۹ | آءُ | آءُ |
| ۱۵ | ۲۰ | آءُ | آءُ |
| ۱۶ | ۲ | ياد | يا |
| ۱۶ | ۱۳ | وجهني | وجهي |

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| درست | غلط | سٽ | صفحو |
|---|---|---|---|
| رنو | رفو | ١ | ١٧ |
| جهڪو | جبڪو | ١٥ | ١٨ |
| آءٌ | آءُ | ١ | ٢٠ |
| ٽئين | ٽيڻن | ١٣ | ٢٣ |
| ڦڙا | ڦٽا | ٣ | ٣٠ |
| آءٌ | آءُ | ۴ | ٣٥ |
| آءٌ | آءُ | ٣ | ۴٢ |
| اڇي ٽي، | اڇي | ٩ | ۴٩ |
| منهنجي | منهنجو | ١ | ٥١ |
| تون | تو | ١٢،٩،٦،٣ | ٥٢ |
| جا | جو | ٨ | ٥٣ |
| چانئيءَ | چانئيءَ | ١ | ٥٧ |
| تنهنجي | تنهنجي | ٣ | ٦۴ |
| سنڌي | سنڌي | ١٢ | ٦٦ |
| نانءَ جو چڙهيو | نانءَ چڙهيو | ٣ | ٦٨ |
| دشمن سان ڪهڙي | دشمن ڪوٺي | ١٠ | ٦٨ |
| آءٌ | آءُ | ٣ | ٧٢ |
| پيچ، | پيچ، | ٣ | ٧۴ |
| جهڙي | جهڙي | ٣ | ٧٧ |
| راهه جيان | راه حيان | ١ | ٧٨ |
| ڪهڙو آهه غلاميءَ | ڪهڙو غلاميءَ | ٢ | ٨٠ |
| چاهي | چاهي چاهي | ٧ | ٨١ |
| ڌرتيءَ | ڌرتيءءَ | ٧ | ٩١ |
| ڪٿي | ڪٿ | ١٣ | ٩١ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| صفحو | سٽ | غلط | درست |
|---|---|---|---|
| ٩١ | ١٤ | آ ـيان | آهيان |
| ٩٥ | ٥ | گلنجي | گلن جي |
| ٩٦ | ٩ | وـت | وقت |
| ٩٨ | ٧ | ڪجهه نه آ، ڪجهه نه، | ڪجهه نه آ، |
| | | ڪجهه نه آ | ڪجهه نه آ، ڪجهه نه آ، |
| ١٠١ | ٤ | پـنء | پونء |
| ١٠٢ | ١٥ | پيارو | پيا روز |
| ١٠٧ | ٥ | نيـنهن | نمنهن |
| ١٠٩ | ٣ | ڪيستـائيـن | ڪيسيتائين |
| ١١٢ | ٢ | سنـڌوء | سنڌو |
| ١١٢ | ٨ | غمـر | عمر |
| ١١٣ | ٢ | آزاديء | آزادي |
| ١١٣ | ٥ | آ لاپ ذاري | آلاپ اتاري |
| ١١٦ | ٧ | ۾ ۾ | ۾ |
| ١٢٣ | ٣ | گهآ و | گهاو |
| ١٢٥ | ١٠ | هي ۂ | هيءَ |
| ١٢٦ | ١ | ٻاهه شعلا | ٻاهه جا شعلا |
| ١٢٩ | ١٠ | وسـاڪ | ويساڪ |
| ١٣١ | ١١ | نسنـس | نس نس |
| ١٣٣ | ٣ | گي | ڪي |
| ١٣٦ | ١٣ | جتـي جتـ | جتي جتي نظر پوي |
| ١٣٦ | ١٦ | ـڪي | سڪي |
| ١٤٩ | ١٣ | (ناداري) | ناداري |
| ١٥٠ | ٥ | ارمـار | ارمان |

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| صفحو | سٽ | غلط | درست |
|---|---|---|---|
| ١٥٣ | ٨ | ييل | پيل |
| ١٥٣ | ١٠ | ڄرڪائي | ڄرڪائي |
| ١٥٧ | ١١ | بارون | بارودن |
| ١٥٨ | ۴ | تـ حـ ـ ـي | قيد خاني |
| ١٥٨ | ٦ | ـ اڪين ـي | يا اڪين ٿي |
| ١٥٨ | ٧ | جـي | جي |
| ١٦۴ | ١ | آثار | آثار ڍهن پيا |
| ١٦٨ | ٨ | آهُ | آءٌ |
| ١٦٨ | ٩ | جودو زخ | جي دوزخ |
| ١٧٠ | ٢١ | وجهي ءِ• | وجهيئي |
| ١٧٢ | ٢١ | اٿـي بياباں | اٿي بيابان |
| ١٧٢ | ٢٢ | شاعـ ي، | شاعري |
| ١٧۴ | ٨ | د ـ | نہ |
| ١٧٨ | ١١ | ڏڪندر | ڏڪندڙ |
| ١٨٠ | ٢ | جست | چست |
| ١٨٨ | ١١ | مهنجي | منهنجي |
| ١٩٢ | ٧ | روايءَ | راويءَ |
| ١٩٣ | ٢٠ | مماءَ | ساءَ |

حبيب سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book